# نچوڙيو نينهن جن کي

(روحاني ڪچهريون)

## سيد غلام حيدر شاهه

انجمن غلامانِ قلندر (ويلفيئر) سنڌ



ڪتاب جا حق ۽ واسطا محفوظ


| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو: | نچوڙيو نينهن جن کي (روحاني ڪچهريون) |
| ليکڪ: | سيد غلام حيدر شاهه قلندري |
| ڇاپو پهريون: | جولائي 2020ع |
| ڇپائيندڙ: | انجمن غلامانِ قلندر (ويلفيئر) سنڌ انفارميشن شعبو |
| ڪمپوزنگ ۽ سهڙيندڙ: | شير خان پنهور |
| ٽائيٽل ڊيزائن: | مهراڻ سهتو |
| تعداد: | هڪ هزار |
| ڇپيندڙ: | سمبارا پبليڪيشن سامهون عبرت پريس گاڏي کاتو حيدرآباد 0300_3513966 |

**قيمت : 200 رپيا**


**All Rights are Reserved at Publisher**

**NICHORYO NENH JIN KHAI**
**SPIRITUAL CONVERSATION.**
**1ST EDITION : © 2020**
**PUBLISHED BY: A.G.Q.W SINDH INFORMARTION DEPARTMENT.**
**COMPOSING: Sher Khan Panhwar.**

# فهرست


| | | | |
|---|---|---|---|
| اپنا | 5 | صحبت جو اثر | 43 |
| ڪم بستا ڪاپڙي | 7 | عورت جو ڏوهه ناهي | 44 |
| مصنف پاران | 8 | اسلام ۾ سڀ ڪجهه موجود آهي | 45 |
| مرڻ کان اڳ مرڻ ۽ جيئڻ | 9 | زندگيءَ مان سبق سکو | 46 |
| حُب محمد ﷺ | 12 | بي حيائي، برائي کان بچو | 47 |
| مرشد ڇا آهي | 13 | سستي ڇڏيو | 48 |
| حق اليقين | 14 | ڪردار جي خوشبو | 49 |
| برائي خلاف جهاد | 15 | صبر کان ڪم وٺو | 50 |
| ڪتاب ضرور پڙهو | 16 | صبر ۽ شڪر | 51 |
| محبت جو سفر | 17 | گهرن ۾ درود پاڪ جون محفلون جاري رکو | 52 |
| ڪاميابي جو نسخو | 18 | محدود محفوظ | 53 |
| صوفي ازم جو مطلب | 19 | نعمت جا شڪر گذار آهيون | 54 |
| شيطان جو روپ | 20 | محبتون ونڊيندا رهو | 55 |
| زندگيءَ جو قدر ڪريو | 21 | وفا به ڪا شيءِ آهي | 56 |
| سچ کي سڃاڻو | 22 | ڪنهن جي دل آزاري نه ڪيو | 57 |
| خواهشن جي تابع نه ٿيو | 23 | اخلاق ۽ ڪردار | 58 |
| درود پاڪ جا انعامات | 24 | تصوف ڇا آهي | 59 |
| بدڪاري کي ڀلائي سان روڪيو | 26 | ڪاميابي جو راز | 59 |
| وقت جو قدر ڪريو | 27 | خبردار غرور نه ڪجو | 60 |
| ڪجهه اصول ۽ ضابطا | 28 | روحاني واٽ نه ڇڏجو | 61 |
| وسيلو هٿ ڪيو | 29 | سڀ خير ٿي ويندو | 62 |
| اسباب اختيار ڪريو | 30 | مايوس نه ٿيو | 63 |
| محبوب ﷺ جون نصيحتون | 31 | هيءَ محنت جو وقت آهي | 64 |
| دعا وڏي ڳالهه آهي | 32 | ڏکيا ڏينهن گذري ويندا | 65 |
| درود پناهه گاهه آهي | 33 | توبهن ڪانسوءِ ڪو رستو ناهي | 66 |
| استقامت ۽ صبر کان ڪم وٺو | 34 | پرم کي قائم رکو | 67 |
| پنهنجي گهرن کي محفوظ بڻايو | 35 | هيءَ وبا به هاڻي ختم ٿي ويندي | 68 |
| ڪاملن جي صحبت ۾ اچو | 36 | جوان مرديءَ جي واٽ | 68 |
| دين ۾ زبردستي ناهي | 37 | صبر سنو علاج آهي | 69 |
| اصل ۽ نقل جو فرق سکو | 38 | عجيب واقعو | 70 |
| عشق ئي اسان جو رهنما آهي | 39 | منافقت کان بچو | 70 |
| عشق کي قائم رکو | 40 | دعوائون نه ڪيو عمل ڪيو | 71 |
| ڪامل هستي جو شعور | 42 | هيءَ آزمائش جو وقت آهي | 72 |





| | | | |
|---|---|---|---|
| سڀ نيڪ ٿي ويندو | 72 | رحمت جي پاسي اچو | 95 |
| درود پاڪ جي محنت جاري رکو | 73 | درود پاڪ رحمت جو درياهه آهي | 95 |
| ڏُک، نسلن جي سونهن | 74 | الله جا دوست | 96 |
| اسان جو نعرو | 75 | الله وارن ۾ ڪشش | 96 |
| عشق جو اظهار | 76 | حفاظت جو رستو | 97 |
| گناهن جو ڪفارو | 77 | منافق دوست | 97 |
| دائمي عزت ۽ وقار | 78 | اجايو ڏيان نه ڏيو | 98 |
| خواهشون قربان ڪريو | 79 | الله تي ڀروسو رکو | 98 |
| عقل جي ڳالهه | 80 | هلندا هلو | 99 |
| درود پاڪ وڏو وسيلو آهي | 81 | حفاظت جو رستو | 99 |
| هيءَ عشق جي راهه آهي | 82 | برڪتن واري محفل | 100 |
| زندگيءَ جي تبديلي | 82 | صبر ۽ استقامت | 100 |
| احتياط لازمي آهي | 83 | اهلبيت جون نشانيون | 101 |
| محنت نه ڇڏجو | 83 | زندگي خوبصورت آهي پر...! | 101 |
| عظيم نسبت | 84 | محنت جاري رکو | 102 |
| عشق جو رابطو | 84 | راڻو ريجهي پوي | 102 |
| سڃاڻپ جي اک رکو | 85 | روحاني رمزون | 103 |
| اعتبار ۽ استقامت رکو | 85 | محبت جو منشور | 103 |
| درگذر ڪرڻ سکو | 86 | راهِ نجات | 104 |
| جهالت وارين ڳالهين کان بچو | 86 | توبهه تائب ٿيو | 104 |
| حسد جهنم آهي | 87 | نقلي صوفي | 105 |
| اوهان سان هر ڏک سک ۾ شريڪ آهيان | 87 | وفا ڪرڻ سکو | 105 |
| مالڪي ٿئي پئي | 88 | عظيم دسترخوان | 106 |
| رهنمائي ٿئي پئي | 88 | اسان جو منشور | 106 |
| ٻنهي جهانن ۾ ڪاميابي | 89 | پيغامِ محبت | 107 |
| گهبرايو نه | 89 | رحمت جو دروازو | 107 |
| سڀ خير ٿيندو | 90 | ڪردار کي بهتر ڪيو | 108 |
| وقت جي تقاضا کي به سمجهو | 90 | سادگي ۾ سونهن آهي | 108 |
| عشق جو شهباز | 91 | گل ۽ ڪنڊا | 109 |
| روح تي موت ناهي | 91 | صبر کان ڪم وٺو | 109 |
| محبت ڪرڻ سکو | 92 | ڪتابن پڙهڻ جو شوق پيدا ڪيو | 110 |
| روحاني قدر | 93 | سڃاڳ ٿيو | 110 |
| ماحول کي خوشگوار ڪيون | 94 | مايوس نه ٿيو | 111 |
| ايمان ڇا آهي | 94 | | |

# ارپنا

هيءُ ڪتاب انهن سيني دوستن جي
نانءُ ڪيون ٿا جن سان رهاٽيون ٿيون.

سيد غلام حيدر شاهہ قلندري

# ڪمر بستا ڪاپڙي

ڪائنات جي خالق ۽ مالڪ هن دنيا جي گلستان ۾ جيڪي گل پوکيا آهن، پنهنجي انيڪ مخلوقات جي صورت ۾، انهن ۾ حضرت آدم جي نالي واري گل جي خوشبو ۽ رنگ ئي پنهنجو آهي، پر ڪڏهن ڪڏهن ائين ٿيندو آهي ته اهو خوبصورت گل ڪومائجڻ، رنگ بدلائڻ، يا وري پنهنجي اصلي خوشبو ڇڏڻ لڳندو آهي ۽ ان جو بنيادي سبب اهو هوندو آهي جو ان گل کي دنياوي حرص ۽ حوس جو پاڻي پيياريو ويندو آهي، يا وري گناهن جي زهر آلود هوا ڪيس هيسائي ڇڏيندي آهي ۽ هو پنهنجي اهليت وڃائي ويهندو آهي پرچوندا آهن ته جنهن خلقيو آهي سو ئي پاليندو به آهي ته حفاظت به ڪندو آهي، سو خالقِ ڪائنات هن انسانيت واري گلستان جي حفاظت لاءِ ظاهر توڙي باطني طور اهڙا روحاني مالهي، باغبان ۽ مهربان موڪليا آهن، جن انسان کي اصل آدميت جي خوشبو ۽ رنگ جو ڏس ۽ ڏانءُ پئي ڏنو آهي، اڄ جي هن فتنن وارن دؤر ۾ سچ ته سائين غلام حيدر شاهه بادشاهه قلندري ڪاظمي جي صورت ۾ اهڙو رهبر استاد ڪامل ۽ روحاني سونهون موجود آهي، جنهن وٽان گهڙي پل جي صحبت ۾ اهڙا معرفت جا موتي حاصل ڪري سگهجن ٿا جيڪي هن جهانِ فنا توڙي عالمِ بقا ۾ آدميت جي اصل خوشبو ۽ رنگ کي هميشه قائم رکي سگهن ٿا، بس ڳالهه نيڪ نيتي، سچائي ۽ استقامت جي آهي، سائين بادشاهه جا وڏا احسان آهن جو هو زندگيءَ جي گوناگون مصروفيتن مان وقت ڪڍي وقت به وقت قلم ۽ ڪاغذ تي روحاني راز پلٽائيندا ۽ سڪ وارن کي سڏيندا رهن ٿا. ڪاش! ڪو هن محنت جو قدر ڄاڻڻ وارو هجي! هيءَ محبت ۽ معرفت جا بي بها موتي آهن، هيءُ وقت جي ”قطب“ طرفان آذانِ عشق جو آواز آهي، جن هن سڏ کي ورنايوسي ياڳ پلارا ٻڌجي ويا ۽ انهن جا نصيب جڙي ويا.

**الطاف ملڪاڻي**



# مصنف پاران ٻه اکر

شروع الله پاڪ جي نالي سان ڪجي ٿو هر ساهه ۽ هر وقت، جنهن جي هٿ ۾ زمين ۽ آسمان جي هر شيءِ جو علم آهي، ان بعد ان جي رحمتن واري محبوب تي اربين ڪربين درود پاڪ، ان رحمت کي حاصل ڪرڻ لاءِ، هيءُ ڪتاب دوستن جون ڪاوشون آهن، جن هن کي سهيڙي محفوظ ڪري ورتو آهي، مختلف موضوعن تي ٿيل مختلف نون پراڻن دوستن سان روح رهاڻيون، شاباس جي لائق آهن، اهي همٿ وارا دوست جيڪي هيءَ قرب ڪچهريون منظر عام تي آڻين پيا، پٽ شيرخان پنهور جي رات ڏينهن جي محنت ۽ سائين الطاف ملڪاڻي جي نگراني سان اهو سڀ ممڪن ٿيو آهي، الله پاڪ هنن کي فتحياب ڪري علم جي دولت سان. آمين!

**سيد غلام حيدر شاهه قلندري**

# مرڻ کان اڳ مرڻ ۽ جيئڻ

منهنجا پيارا قلندري ڀيڻؤ ڀائرؤ! اڄ پاڻ ڏاڏا سائين جي آسڻ تي مڇ ڪچهري ڪئي آهي. اڄ آئون اوهان کي ٻڌايان ٿو ته ڏسو! هيءُ مڇ ڪيئن پنهنجو پاڻ کي ٻاري ٻين کي شعاع ڏئي رهيو آهي. ائين اوهان به هن پنڌ ۾ هلي، پاڻ کي هِن مڇ جيان تڪليف ڏئي ٻين کي شعاع ڏيو ته الله پاڪ اوهان جي قبر تي، دلين تي اهڙا ڏيئا روشن ڪندو.

قلندريو! گهبرائيو نه. پنهنجي اڪين کي جهڪايو الله پاڪ اوهان جا سڀ مسئلا حل ڪندو بس مالڪ اسان جي غلطي يا سستي جي ڪري ڪجهه تڪليف يا بيچين ڪري وري به پاڻ ڏي آڻين ٿا. دوستو! ڏسو جيئڻ منهنجو هڪ شعر آهي ته:

ڪِن کي جيئري پيي مُردن جيان ڏٺوسين،
ڪِن کي مرڻ بعد پيي قلندر سڏيندين ٻڌوسين،
اُهي عجب لقاءُ جستجو ۽ بقا،
ڪِن کي غم ڏيندين،
ڪِن کي غم ڪشا ڏٺوسين،
ڪن کي عيش عشرت روپ يزيد،
ٿي سامهون حسيني نعرو ٻڌو سين،
اسان ته ”حيدر“ حيدر جي پاڪرن ۾،
حق سچ جو نعرو هڻندين ڏٺوسين.

ڪي ماڻهو جيئرا هوندي به مئل هوندا آهن ۽ ڪي وري دنيا کان وڃڻ ڪانپوءِ به زنده هوندا آهن. جيئن سائين محمد علي رح کي ڏسو هو زنده آهي، هن جو فيض هلي رهيو آهي. لعل سائين کي ڏسو اٺ سئو سال ٿي وڃڻ جي باوجود اتي هزارين ماڻهو ننگر پاڻي ڪري رهيا آهن. اڄ به هُنن جا آستانا آباد آهن.

هڪ دفعي مون ڏاڏي! وارن کي چيو ته مونکي ٻيا جهان ڏيکاريا وڃن. ته مون ڏٺو ته هڪ ننڍڙي ڪمري جي روشندان مان مونکي ڏيکاريو ويو. ڏاڍو خوبصورت ۽ عاليشان جهان هو ۽ ٻڌايو ويو ته جيڪو اوهان ڏسي رهيا آهيو



اهو آخرت جو جهان آهي، جنهن ۾ اوهان وينا آهيو اهو دنيا جو جهان آهي، هاڻي اوهان جي مرضي جيڪو جهان اوهان ڪٽو اهو ڪمري وارو جهان وٺو يا آخرت جو عظيم وعاليشان جهان وٺو.

منهنجا ڀائرو! ڏسو زندگي چند ڏينهن جي آهي، جنهن ۾ تڪليفون، ٽينشن هزارين مسئلا آهن. پر آخرت واري زندگي هر بيماريءَ کان پاڪ آهي، خوشي ئي خوشي آهي، راحت ئي راحت آهي. پٽ ڏسو! اوهان ۽ اسان ان جهان ۾ آهيون، جيڪو جهان فنا جو گهر آهي، ليڪن ٻي طرف انهن اولياء اڪرامن کي ڏسو جن هِن جهان ۾ رهي ڪري، پاڻ کي فنا ڪري، عظيم بقائون حاصل ڪيون ۽ ائين ئي اسان قلندرين کي هن جهان ۾ رهي ڪري پنهنجي ۽ ٻين دوستن جي اصلاح ڪرڻي آهي.

دوستو هي جيڪو اوهان ڪم ڪري رهيا آهيو هي صالحين جو ڪم آهي. پٽ ڏسو اوهان ۽ اسان خوشنصيبن کي اهو ڪم سونپيو ويو آهي، اڄو منهنجا عظيم ٻچڙو هن عظيم ڪم کي دل ۾ جان سان ٻين تائين ڦهلايو. پٽ ڏسو جيئڻ منهنجو هڪ ٻيو شعر آهي ته:

جن علم مان سکيو
سي ٿيا علم اليقين.
جن کي صحبت صحيح ڪيو
سي ٿيا حق اليقين،
”حيدر“ ته حيدر کي ڏٺو
”حيدر“ کي مليو عين اليقين.

علم اليقين معنيٰ ظاهري طرح علم حاصل ڪرڻ، مطلب پڙهڻ سان، ڪتابن سان، درسگاهن سان، ديني، مذهبي، ظاهري جيڪي به علم آهن. انهن کي پڙهن ٿا، هنن کي پريڪٽيڪل جي خبر ڪونهي، هنن کي فقط علم جي مطابق ٻڌايو وڃي ٿو جيئن شاگرد پنهنجي امتحان جي پرچي جا سوال ياد ڪن. انهن کي جيڪڏهن وچ ۾ هڪڙو اکر وسريو وڃي ته اهي سڀ پلجيو وڃن (ان کي سنڌي ۾ چئبو آهي ”رَٽو“)، انهن کي پريڪٽيڪل جي خبر ڪونهي هو انهي علم مان ڊاڪٽر به ٿين ٿا، انجنيئر به ٿين ٿا، فلاسفر، محقق ٿين ٿا، پر اهي بس علم جي ڪري ٿين ٿا انهن کي پريڪٽيڪل جي خبر ناهي. انهي کي چئبو آهي علم اليقين.

حق اليقين معنيٰ جيڪو مشاهدن سان علم ملي، جيئن هڪڙي عطائي ڊاڪٽر وٽ ڪو ٻارڙو ويهي ٿو، انهيءَ ڊاڪٽر کي ڪم ڪندي ڏسجي ۽ بغير پڙهڻ جي، بغير ڪنهن سرٽيفڪيٽ جي اهو عطائي ڊاڪٽر ٿئي ٿو، ائين هڪڙو نائي وٽ ڪو ٻارڙو ان کي ڪم ڪندي ڏسي ٿو ته اهو نائي ڪيئن وار پيو ناهي، ڪيئن هن کي ڦٽي ڏئي ٿو، ڪيئن هُن کي ڪينچي هٽي ٿو، خط ڪيئن ٿو ناهي، ائين پنچر واري وٽ ٻارڙو آهي اهو به انهي پنچر واري کي ڏسي پوءِ هنر سکي ٿو، ائين واڌو آهي، ائين ڪافي ڪم آهن، جيڪو بغير ڪنهن پڙهڻ جي، بغير ڪنهن علم جي، اهو سکي ان تي عمل ڪن ٿا، انهي کي چئبو آهي حق اليقين.

عين اليقين معنيٰ جيڪو علم سنڌو سئنون ملي، معنيٰ صفا پڪو يقين، معنيٰ اکين ڏٺو يقين، معنيٰ اکين سان ڏٺل شيءِ، هڪڙو وقت اچي ٿو جڏهن ماڻهو اکين سان ظاهر ظهور اهي شيون ڏسي ٿو، پسي ٿو، جيئن هينئر پاڻ آهيون جن ظاهري اکين سان الله سائين کي ڪو نه ڏٺو آهي، محبوب ڪريم ﷺ کي ڪو نه ڏٺو، سائين قلندر شهباز کي به ڪو نه ڏٺو، ڪافي پنهنجا دوست آهن جن بابا سائين کي به ڪو نه ڏٺو، ڪافي جيڪي نوان اچن پيا انهن سائين محمد علي کي به ڪو نه ڏٺو پر انهن کي اهڙو به ٽائيم اچي جو انهن جي اندر جي اک کُلي پوي، هو ظاهر باطن کي پنهنجي اکين سان ڏسن، اهو آهي عين اليقين، اهو انهن کي ملي ٿو جيڪي صاحبِ ڪمال آهن، جن پنهنجي نفس تي ڪمال حاصل ڪيو، فتحياب ٿيا ۽ الله سائين انهن کي وڏا درجات ڏنا، اهي پوءِ وقت جا قطب ٿي ويا، غوث ٿي ويا، اهي صاحبِ ارشاد جيڪي هوندا آهن انهن کي الله سائين اهي شيون عطا ٿو ڪري، تمام ٿورن کي اهي شيون ملن ٿيون.

## ڏاڏا سائين بچل شاهه رحه

(ڪنري) جي آسڻ ۾ مچ ڪچهري.

تاريخ : 2019_01_29



# حُبِ محمد صلي الله عليه وسلم

دوستو! محبوب ڪريم ﷺ جن جو فرمان آهي ته، جيڪڏهن اوهان چاهيو ٿا ته اوهان جو اولاد گمراهي کان بچي ته پنهنجي اولاد کي هي ٽي شيون پڙهايو، پهرين حبِ محمد ﷺ، حب محمد ﷺ جڏهن اوهان پنهنجي اولاد کي پڙهائيندا ته اوهان جو اولاد دنيا ۾ ڪڏهن گمراهه نه ٿيندو، جڏهن اهو نوجوان معاشري ۾ گهمندو، ڦرندو، اٿندو، ويهندو ته هو هر ان شيءِ کان پاڻ کي بچائيندو جنهن جو ناتو دنيا سان هوندو ۽ هو محمد ڪريم ﷺ کي پنهنجو محبوب بڻائيندو، دوستو، حبِ محمد ﷺ، ڏسو محبوب ڪريم ﷺ، علي سائين جي ستر تي مٿو مبارڪ رکي آرامي آهن ۽ عصر نماز جو وقت قضاء ٿيو وڃي ۽ علي سائين، محبوب ڪريم ﷺ جن کي سجاڳ نٿا ڪن ۽ اکين مان لڙڪ اچي وڃن ٿا، محبوب ڪريم ﷺ جن جڏهن سجاڳ ٿين ٿا ته علي سائين کان لڙڪ هارڻ جي وجه پڇن ٿا ته علي سائين جواب ڏين ٿا ته محبوب ڪريم ﷺ عصر نماز قضاء ٿيڻ جي ڪري اُهي لڙڪ اکين ۾ آيا آهن، اها اٿئو حب محمد ﷺ، حضرت ابو بڪر رضہ کي نانگ ڏنگ پيو هٽي پر حضرت ابوبڪر رضہ پير پري نٿا ڪن، اها اٿئو حب محمد ﷺ.

دوستو، بانسري کي ڏسو جيڪا اصل ۾ هوندي ته ڪاٺي آهي، پر هڪ واڍو ان کي ٺاهي ان قابل ڪندو آهي ته جڏهن بانسري وڄائڻ وارو ڦوڪ ڏيندو آهي پوءِ پنهنجي آنڱرين جي مدد سان سر ٺاهيندو آهي، دوستو اصل شيءِ رابطو آهي، رابطي ۾ ئي ضابطو آهي، عبادتون، بندگيون ته شيطان به گهڻئي ڪيون آهن، پر جڏهن الله سائين حضرت آدم عليه السلام کي مٽيءَ مان ٺاهي ملائيڪن کي سجدي ڪرڻ جو حڪم ڏنو ته سڀني سجدو ڪيو سواءِ شيطان جي، شيطان جو معبود ته آهي پر محبوب ناهي، دوستو، اسانکي ته الله سائين پنهنجو محبوب ڏنو آهي. دوستو حبِ محمد ﷺ ۾ ئي سُک ۽ سلامتي اٿئو.

تاريخ : 2019-02-02

# مرشد ڇا آهي

منهنجا دوستو! لفظ مرشد کي اڄڪلهہ ڪئين معنائون ڏنيون وڃن ٿيون، جيئن فادر، رهبر، رهنما،گرو بابا، استاد ۽ سائين وغيره. اها ڳالهہ ڪرڻ جو سبب هيءُ آهي تہ محبوب ڪريمﷺ جن تبليغ ڪيئن ڪئي، جبل عرفات تي محبوب ڪريمﷺ جن مڪي جي سڀني ماڻهن کي گڏ ڪري پڇيو تہ توهان مونکي ڪيئن ٿا ڏسو؟ منهنجي زندگيءَ جا چاليهہ سال اوهان جي اڳيان گذريا اوهان کي آئون ڪيئن ٿو لڳان؟ سڀني جواب ڏنو تہ اوهان صادق، سچار، ايماندار آهيو. اوهان ۾ سڀ خوبيون آهن جيڪي اسين لفظن ۾ بيان نٿا ڪري سگهون، تہ پوءِ محبوب ڪريمﷺ جن فرمايو تہ جيئن اوهان مونکي حق سچ ڪري سچو مڃيو ٿا تہ پوءِ منهنجي سچي، " وحْدهٗ لاَ شَرِيكَ لهٗ'' رب کي بہ سچو ڪري مڃو.

دوستو! ڏسو اول محبوب ڪريمﷺ جن کي مڃڻ آهي، انهيءَ ڪانپوءِ الله کي مڃڻ آهي، جيڪڏهن اوهان الله کي مڃيو ٿا ۽ محبوب ڪريمﷺ جن کي نٿا مڃيو تہ اوهان سچا مسلمان نٿا ٿي سگهو. اول شرط محبوب ڪريمﷺ جي اطاعت ۽ فرمانبرداري آهي، دوستو. تبليغ اتان کان شروع ٿي آهي، جيڪا اڄ تائين هلي پئي. اوهان وچو اها شيءِ ڪڍي معاشري ۾ ڦهلجي وڃو. جيڪڏهن ڪو اوهان سان بحث ڪري ٿو تہ انهيءَ کي چئو اسان عالم ناهيون اوهان بحث وڃي عالمن ۽ علم وارن سان ڪيو.

تاريخ: 02-02-2019



# حق اليقين

دوستو! حضرت ابراهيم عليہ السلام، الله سائين کان سوال پڇيو تہ، ”اي رب العالمين بيشڪ تنهنجو فرمان سچو آهي تہ قيامت ٿيندي، پر قيامت جي ڏينهن تون مرده ماڻهن کي ڪيئن زنده ڪندي مونکي ڏيکار.“

الله سائين، حضرت ابراهيم عليہ السلام کي حڪم ڪيو تہ چار پکي ذبح ڪر، هڪڙي بدڪ هجي، ٻيو ڪانگ، ٽيون مور، چوٿون ڪڪڙ هجي، انهن سڀني کي ذبح ڪري ۽ انهن جو گوشت ملائي، ڪنهن جبل جي مختلف جڳهن تي اڇلائي اچ ۽ واپس اچي ڪري انهن سڀني کي پنهنجي پنهنجي نالن سان سڏ ڪر، جڏهن هو سڏ ڪندو آهي تہ بدڪ اچ تہ بدڪ اٿي ايندي آهي، ڪانگ اچ تہ ڪانگ اٿي ايندو آهي، ائين سڀئي پکي نالي وٺڻ سان اٿي ايندا آهن، هاڻي جيڪو الله سائين حضرت ابراهيم عليہ السلام کي اهي چار پکي وٺي ذبح ڪرڻ ۽ انهن جي گوشت کي پاڻ ۾ ملائي ڪنهن بہ جبل تي مختلف جڳهن ڇڏي اچڻ اهو ٿيو علم اليقين مطلب جيڪو هن کي چيو ويو اهو هن ڪيو. هاڻي جيڪو حضرت ابراهيم عليہ السلام جي سڏ ڪرڻ تي پکي زنده ٿيندا ويا اهو ٿيو حق اليقين مطلب هن ڏٺو مشاهدو ڪيو. پريڪٽيڪل ڪيو تہ ڪيئن اهي پکي زنده ٿيندا پي ويا. پر صوفين چيو تہ اهي چار پکي ڇو؟ ٻيا ڇو نہ؟ دوستو! اهو انهيءَ ڪري تي توهان بدڪ کي ڏسو انهي کي توهان ڪيترو بہ داڻو ڏيو پوءِ بہ ان جي ڇهنب هميشہ هلندي رهندي آهي، اها آهي حوس، ٻيو پکي ڪانگ آهي، توهان ڏسو تہ ڪانگ جيڪو حرام کائيندو آهي، ٽيون پکي مور آهي، جيڪو خوبصورت هوندو آهي پر ان ۾ انا موجود آهي، چوٿون پکي ڪڪڙ آهي، مطلب شهوت، هاڻي هڪڙو انسان جڏهن انهن سڀني شين تي ڪنٽرول ٿو ڪري، انهن سڀني شين کي ماري ختم ٿو ڪري، تہ اهو ٿئي ٿو ڪامل انسان، اهو آهي عين اليقين.

**سائين محمد علي بادشاهہ** رحہ
**جي ماهوار محفل دوران**
**تاريخ:** 04-02-2019

# برائي خلاف جهاد

دوستو! انفراديت ۽ اجتماعيت ۾ وڏو فرق آهي، جڏهن سنا ماڻهو با عمل ٿي فقط پنهنجي انفرادي حيثيت تي ويهي، اجتماعي برائين تي خاموشي اختيار ڪري، تماشو ڏسندا رهن، پوءِ سمجهو تہ مجموعي طرح سڄي دنيا تي شامت برپا ٿيندي، ان جو قصور سڄو انهن نيڪ انسانن تي ايندو، جن جي ظاهري شرافت ۾ لڪل بدمعاشي آهي، ڇو جو هو پاڻ تائين محدود ٿي ٻين جي عملن تي ڳڻتي نٿا ڪن، اسان جي محبوب ارشاد فرمايو آهي تہ،

"عَنْ أَبِي سَعِيْدٍ الْخُدْرِيِّ عَنْ رَسُوْلِ اللهِ صلى الله عليه وآله وسلم قَالَ : مَنْ رَأَى مِنْكُمْ مُنْكَرًا فَلْيُغَيِّرْهُ بِيَدِهِ. فَإِنْ لَمْ يَسْتَطِعْ فَبِلِسَانِهِ. فَإِنْ لَمْ يَسْتَطِعْ فَبِقَلْبِهِ. وَذَالِکَ أَضْعَفُ الْإِيْمَانِ" (صحيح مسلم)

”توهان مان جيڪو برائي کي ڏسي ان کي هٿ سان روڪڻ جي ڪوشش ڪري، جيڪڏهن هٿ سان نٿو روڪي سگهي تہ پنهنجي زبان سان روڪي، جيڪڏهن زبان سان بہ روڪڻ جي همت نٿو رکي تہ صرف دل ۾ ئي ان کي برو چوي ۽ اهو ايمان جو ڪمزور ترين درجو آهي“

برائيءَ کي روڪيو، جيترو توهان ۾ دم هجي، دوستو اسان وٽ عظيم رشتو آهي، درود پاڪ ﷺ جي محنت جو، هاڻ اچو تہ هن معاشري کي جهنم مان ڪڍي جنت ڏانهن وٺي هلون.

تاريخ :- 28-02-2019



# ڪتاب ضرور پڙهو

دوستو! رات ڪنهن دوست فون ڪيو ۽ درود پاڪ صلي الله عليہ وسلم جي محنت جي باري ۾ پڇڻ لڳو، هڪ تہ آئون پنهنجي ڊيوٽي ڏيڻ ۾ مگن هئس، ٻي طرف نئون دوست انهيءَ مطلب سان من درود پاڪ جو عادي ٿي پوي، ڪجهہ ڪچهري ڪندين ۽ وقت بچائيندين چيم تہ توهان جي پاڙي ۾ هڪ عظيم ماڻهو رهي ٿو درود پاڪ پڙهي ٿو ڪثرت سان ۽ ان وٽ ضرور (نرتئون منجهان نينهن) ڪتاب هوندو، جيڪو سڄو بابا سائين جي دعائن جي نظر شفقت جو ڪمال آهي، ڪٺي پڙهجان.

دوستو هيءُ بار بار ڪتاب لکڻ ۽ اوهان تائين پهچائڻ هڪ وڏي جدوجهد جي پراسز مان گذري خرچ ۽ وڏي محنت ڪائي ان قابل احترام سائين الطاف ملڪاڻي ۽ منهنجو پيارو ٻچڙو شير پنهور جي جاکوڙ جو ڪو ملهہ ڪونهي، هون بہ مون ڪمزور انسان وٽ آهي بہ ڇا سواءِ دعائن جي، هي وقت غنيمت سمجهو ڪتاب ضرور پڙهو ۽ دوستن کي قائل ڪريو ڪتاب پڙهڻ جي عادت وجهن، تنبيهہ الانام جو مصنف فرمائي ٿو تہ مون سيد علي الحاج رح کي ان جي وصال کان پوءِ خواب ۾ ڏٺو ۽ معلوم ڪيم، حضرت اوهان سان دربار الاهي ۾ ڪيئن معاملو پيش آيو؟ فرمايائون ”الله پاڪ منهنجي وڏي عزت افزائي فرمائي، مون رب پاڪ کي وڏو رحيم وڪريم پاتو“، مون چيو ڪا اسان لاءِ نصيحت فرمايو، انهن فرمايو ”امڙ جي خدمت ڪريو ۽ حضور صلي الله عليہ السلام تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو، اوهان جيڪو درود جي باري ۾ لکيو آهي اجان وڌيڪ اضافي سان لکو“، مون پڇيو سائين اوهان کي ڪيئن معلوم ٿيو، مون جڏهن درود پاڪ صلي الله عليہ وسلم جي باري ۾ ڪتاب لکيو تنهن کان اڳمي اوهان هن جهان مان وصال ڪري چڪا هئا، اوهان کي تہ خبر ڪو نہ هئي، انهي بزرگ فرمايو، ”تنهنجي ان ڪتاب جو نور ست آسمانن ۽ ستن زمينن ۾ چمڪي رهيو آهي“ (سعادت دارين).

دوستو اندازو لڳائي سگهجي ٿو هي شيرخان جي ٽيم جيڪا اوهان کي منٿون ڪندي رهندي آهي جيئن اوهان درود پاڪ جا فضائل پڙهي ٻين کي آمده ڪيو دوستو قسم آهي منهنجي محبوب بي مثال جي ربِ عظيم جو درود شريف الاهي چا آهي، جنهن دل لڳائي اهو پار ٿي ويو منهنجا منٿڙا سستي نہ ڪريو آئون الاهي اوهان کان سواءِ ڪيئن پيو وقت پاس ڪريان، بس منهنجي محبوب جو درود گوجندو رهي سڀ ڪجهہ ٺيڪ ٿي ويندو انشاءالله. نماز قائم ڪريو الله پاڪ اوهان جو حامي ۽ ناصر.

تاريخ :02-04-2020

# محبت جو سفر

منهنجا انتهائي پيارا قلندري دوستو! اسلام عليڪم. اسان ان محبت جي ڳالهہ ڪٺائيون پيا. جنهن تي اعتراض ٿي ئي نٿو سگهي، محبت زندگيءَ جي سفر ۾ لازم ملزم ۽ افضل حيثيت جي مالڪ آهي، ڪائنات جي ذري ذري ۾ شامل ٿيل آهي، ابتدا کان وٺي، ميدانِ حشر ۾ چوگرد گشت ڪندي نظر اچڻ واري ڪا لازوال حقيقت هوندي تہ اها محبت ئي هوندي، ڪائنات جي وجود ۾ آڻڻ واري ٿيوري تي پڀ غور فڪر ڪبو الله پاڪ جو ارشاد آهي تہ.

‘‘لَوْلَاکَ لَمَا خَلَقْتُ الْاَفْلَاکَ’’ حديث قدسي (حوالو: جنہ العاصمہ)

"اي منهنجا محبوب تنهنجي ئي ڪري هي جهان جڙيو آهي، دنيا ۽ آخرت جون برڪتون، نعمتون سڀ تنهنجي طفيلي، بخششون بہ تنهنجي وسيلي،" هاڻي اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ اسان جو گس ڪيڏانهن پيو وڃي، اسان جو سفر ڪيڏو نہ نصيبن سان سنواريل آهي، اهو فڪر ڪٽي نڪتل آهيون، اوهان کي بہ عرض ڪجي ٿو تہ ان سفر جا ساٿي بنجو قافلي ۾ گڏ سلهاڙجي پئو، پوءِ ڏسو محبت جا ڪمال، ان لسٽ ۾ نالو اچ ئي داخل ڪرائيندين ورد درود پاڪ ﷺ جي محنت پاڻ تي لاڳو ڪري، وکون کڻندين، ڪاميابيون ماڻيو الله پاڪ اوهان جو حامي ۽ حافظ. آمين.

تاريخ :- 27-02-2019



# ڪاميابي جو نسخو

دوستو! اسان کي عمل اهڙو مليل آهي، جنهن جي ڪهڙي ڳالهہ ڪجي، جنهن ورد ۾ ان رحمت العالمين جو نالو هجي، جنهن جي لاءِ الله سائين جو ارشاد آهي تہ

"وَمَآ اَرْسَلْنٰکَ اِلَّا رَحْمَۃً لِّلْعٰلَمِیْنَ" (سورت النبيا آيت 107)

اسان اوهان کي موڪليو سمورن جهانن لاءِ رحمت ڪري، يقينن اسان بي سهارن لاءِ اهو تحفءِ خداوندي آهي، حضرت ابو هريره رضہ کان روايت آهي تہ محبوب ڪريم صلي الله عليہ وسلم فرمايو تہ.

"بيشڪ آئون رحمت پريو هديو آهيان" (بيهقي شعب الايمان).

اهائي محبت جي تقاضا آهي جو اسان پنهنجين زندگيين کي ان هستيءَ جي تابع ڪري ڇڏيون الله سائين جو ارشاد آهي تہ.

لَقَدْ كَانَ لَكُمْ فِیْ رَسُوْلِ اللّٰهِ اُسْوَةٌ حَسَنَةٌ لِّمَنْ كَانَ یَرْجُوا اللّٰهَ وَ الْیَوْمَ الْاٰخِرَ وَ ذَكَرَ اللّٰهَ كَثِیْرًاؕ

(سورت الاحزاب آيت نمبر 21).

"بيشڪ توهان لاءِ رسول الله صلي الله عليہ وسلم جي زندگيءَ بهترين نمونو آهي".

بس اسان جي معمولات زندگيءَ ۾ اها نسبت حاوي ٿي وڃي، پوءِ اسان ڪامياب آهيون، اهو سڀ درود پاڪ صلي الله عليہ وسلم جي محنت سان حاصل ٿي سگهي ٿو بس هاڻي دير ڇا جي ان ورد کي پنهنجي عادت ناهي ڇڏجي. انشاء الله.

تاريخ :- 12-03-2019

# صوفي ازم جو مطلب

دوستو! اسان جي جماعت صوفياڻي ۽ روحاني جماعت آهي، صوفيت جو مطلب آهي درگذر ڪرڻ، ڪنهن لاءِ به نفاق ۽ ڪينو بغض نه رکڻ، دل کي صاف رکڻ، صاف ڪرڻ واري رستي تي گامزن ٿيڻ، دنيا جي خوامخواه اجاين خواهشن پويان پنهنجي قيمتي ۽ ناياب وقت ۽ زندگيءَ کي تباهه ۽ برباد ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ڏنل درس تي عمل پيرا ٿي ڪري هئي لاءِ سبق سکڻ جو موقعو فراهم ڪرڻ ۽ روحانيت وري روح کي پرنور ٿاهڻ واري واٽ تي هلڻ آهي، دل کي پالش وارن سان ناتو جوڙي رکڻ، جيئن وقت سر روح ڏانهن روشني منتقل ٿيندي رهي، جنهن جي تلاش لاءِ هي سنسار جوڙيو ويو آهي، اها روشني جي چٽنگ دل منجهه دڪائجي، واضح ڪندو هلان دوستو بس سڪو زندگي ۾ زنده ٿي رهڻ جو ڍنگ، جنهن جي زنده رهڻ سان سچو ارد گرد جو ماحول بدڪرداري کان بچي پوي، دوستو هي فڪر ۽ فقر جي رهاڻ آهي، ڳالهيون ته گهڻيون مگر وقت تمام ٿورڙو، جيئن ڪنهن شاعر چيو آهي ته،

"هڪ عمر ۾ توکي چا ڏسندس،
هڪ عمر ۾ توسان چا ڪلندس
مونکي عمريون هجن ها سئو سهٺا،
هڪ موت مئي جو پئو سهٺا،
بيو تو مان نٿو ٿئي ڍئو سهٺا.

تاريخ : 28-03-2019



# شيطان جو روپ

دوستو! ڏسو الله سائين هڪ وقت تي هڪ انسان يعني آدم عليه السلام جي تخليق پيو ڪري، وري ٻي طرف شيطان جو روپ ظاهر پيو ٿئي، هڪ پاسي سيئي ملائڪ الله سائين جي حڪم احڪامن جي پاسداري ڪندي، پنهنجي رب پاڪ جي فرمانبرداري ڪن پيا، ٻئي طرف شيطان لعين جو رب جي حڪمن جي خلاف ورزي ڪرڻ تي بارگاه اقدس مان تڙجڻ جو آرڊر جاري ٿئي پيو دوستو اڄ به اسان کي اهي ٻئي روپ نظر ايندا، هاڻي اسان کي انهن حقيقي حڪمن تي عمل پيرا ٿيڻو آهي، اها هئي ان رحمت العالمين صلي الله عليه وسلم جي هستي جيڪا رحمت بنجي آئي، اهو ئي راز تخليق آدم جو آهي، انڪاري اهي ئي قوتون آهن جن شيطان جي پوئواري ڪئي، وري پاڻ باري تعاليٰ جو درود پاڪ پڙهڻ ۽ درود پاڪ ﷺ جي محنت ڪرڻ جو حڪم، ڏسو دوستو ڳالهه ڪلي پئي اٿوَ بس درود پاڪ ڪاميابي اٿوَ لڳي پئو هڪ هڪ منٽ قيمتي اٿوَ وقت وڃايو نه، نه ئي اهو سوچيو ته دنيا چا پئي ڪري، اسان جا دوست چا پيا ڪن، مائٽ چا پيا ڪن، مال جمع پيا ڪن، منهنجا دوست، اسان کي به سڀ ڪجهه ملندو پر امن امان وارو سڪون وارو، دل وڏي ڪريو پريشان نه ٿيو الله پاڪ اوهان کي پنهنجي حفظ امان ۾ رکندو انشاءالله.

هنڊ عمرڪوٽ ڪاليج. تاريخ : 18-03-2019:

# زندگيءَ جو قدر ڪريو

دوستو! هڪ ڏينهن منهنجو ڪنهن واسطي واري سان گڏجي، ڪنهن گاڏين واري شوروم تي وڃڻ ٿيو. ڏٺم هڪ نوجوان شام جي وقت، ڪيترن ئي فونن تي بروقت دنيا جي سوداگري ۾ ايترو ته گم ٿيل هو جو بي وقتي ماني جي گراه ڪٽي وات ڏانهن واري، وري ڇڏي فون تي سودا ڪري، ڪلاڪ تائين مون ڏٺو ته گراه ڪڻندو ۽ ڇڏيندو وڃي پيو. يعني ماني جي بي قدري، ٻئي ڏينهن مون ٻڌو ان نوجوان تي فالج جو حملو ٿي ويو. دوستو! دنيا جا ڪاروبار پنهنجي جڳهه تي پر ايترو بي قدرو زندگي کي ڪرڻ جو ڇا مطلب؟ جنهن لاءِ حرام حلال جي پرک کان سواءِ ملڪيت گڏ ڪجي، زندگي جيڪا نعمت آهي، ان جو سودو ڪجي پوءِ ٻئي جهان قربان ڪري پريشانيون خريد ڪجن ۽ ان ۾ حصيدار سڄي فيملي کي ناهجي، اها ڪا ڏاهپ ڪا نہ چئبي، پر زحمت اٿئو زندگي جو سودو غلط خواهشن جي حوالي نہ ڪريو، قدر ڪرڻ سکو. پنهنجي محبوب ڪريم ﷺ جي سوانح حيات مان سبق حاصل ڪيو. دوستو! هي درود پاڪ ﷺ اوهان کي اوڏانهن گامزن ڪندو جتي هر طرف خوشيون ئي خوشيون آهن.

تاريخ :-27-03-2019



# سچ کي سچاڻو

دوستو! اسان ايمان جي ڳالهہ ڪندا آهيون ۽ ٻڌندا پيا اچون پيا، پنهنجن وڏن کان وٺي، استادن ۽ واعظين وسيلي، اصل صوفياء ڪرامن وٽ ايمان جو نالو اهو حقيقي سچ آهي جيڪو هر حال ۾ سچ ئي ليکجي، تاريخ شاهد آهي تہ پاڻ ڪريمن صلي الله عليہ وسلم مڪي جي پهاڙين تي چڙهي مڪي وارن کي گڏ ڪري چيائون تہ اوهين سچ ٻڌايو اوهان مون کي پاڻ سان گڏ چاليهہ سال ڏٺو ڪيئن سمجهيو. سڀني مڪي جي قريشن هڪ آواز ٿي چيو. اوهان جهڙو ڪو بہ سچو ۽ صادق امين اسان نہ ڏٺو. دوستو! ڏسو انهن ۾ ابو جهل ابو لهب ۽ ٻيا ڪوڙ سارا قريش جن ان وقت تائين ايمان ڪو نہ آندو هو. مگر حقيقت کان انڪاري ڪو نہ ٿيا. پر انهن جي اندر ۾ نفاق جي نفاست هئي، هو فقط پاڻ کي هر حال ۾ وڏو ۽ چڱو چوائڻ لاءِ آتا هئا. اهائي انا انهن لاءِ رڪاوٽ بڻي، دوستو! هن وقت سيڪو ڄاڻي ٿو تہ صداقت ڪهڙي عمل ۾ آهي، سچ ڪٿي آهي، مگر عداوت نفس ان کي روڪي ٿو. مگر اسان کي اعتماد ڪرڻ گهرجي تہ اسان سچ کي ڪوڙ تي هرگز فوقيت ڪو نہ ڏيندا. سو اهو پلي ڪهڙو پيو وهنوار زندگي چو نہ هجي، ڪوڙ ڳالهائڻ وارن کان پيو پڇڻو آهي ۽ ان جي صحبت کان بہ.

**لَّعۡنَتَ اللهِ عَلَى الۡكَاذِبِينَ. (سورت آل عمران آيت نمبر 61).**

چو جو ماڻهو پاڻ سان پي ڪوڙو هجي، اهو ٻئي سان سچو ڪيئن ٿو سگهي. جڏهن تہ اسان جو اڳوڻ ڪائنات جو اڳواڻ آهي، اسان ان جا پيروڪار آهيون. بس منهنجا پيارا هن عظيم رهبر ڪائنات سان درود پاڪ صلي الله عليہ وسلم جي محنت ذريعي ناتو جوڙيو. الله پاڪ اوهان کي پنهنجي حفظ امان ۾ رکي.

تاريخ : 31-03-2019

# خواهشن جي تابع نہ ٿيو

دوستو! اسان جو نوجوان ماديت پرستي جي چمڪ تي ڏينهون ڏينهن موهجي، پنهنجي خيالن ۽ خوابن ۾ نہ تڪميل ٿيڻ واريون خواهشون پاڻ مٿان حاوي ڪري، پنهنجي لاءِ ۽ پنهنجي مائٽن لاءِ وڏو فتنو برپا ڪندو پيو وڃي، انهن جون دوستيون فقط ڪم نڪرڻ واريون هونديون آهن، اهي گمراه ڪندڙ دوست پاڻ سان گڏ سنگت کي بہ گمراه ڪندا آهن، اسان کي پنهنجي خواهشن جي تابع نہ ٿيڻو آهي، قرآن پاڪ ۾ ارشاد آهي تہ

"اَرَءَيۡتَ مَنِ اتَّخَذَ اِلٰـهَهٗ هَوٰٮهُ ؕ (الفرقان 43)"

”چا تو ان کي ڏٺو آهي جنهن پنهنجي نفساني خواهشن کي پنهنجو خدا ٺهرايو؟ چا پوءِ تون ان جو ذميدار ٿيندين! (تہ اهو گمراهہ نہ ٿئي)“

ٻي طرف صوفين جي زندگيءَ ۽ انهن جو درس اسان کي همت ۽ حوصلو ٿو بخشي، پنهنجي نفس تي ضابطو آڻجي، حضرت عباس رضہ جو قول آهي تہ

"اي الهوى إلها معبودا"

دوستو، صحبت وڏو سرمايو اٿئو، اتان اوهان کي اهي طريقا ملندا، جنهن ۾ نفس امن امان ۾ رهندو، منهنجي محبوب ڪريم صلي الله عليہ وسلم جو فرمان آهي،

"أخوف ما عليٰ امتي أتباع الهوى وطول الا مل"

دوستو، اچو ان محبوب سائين سان درود پاڪ صلي الله عليہ وسلم جي نسبت قائم ڪيون، انهن سڀن فتنن فريبن کان پاڻ کي ۽ پنهنجي دوستن کي بچايون، الله پاڪ اوهان کي خوش رکي. آمين.

تاريخ: 18-04-2019



# درود پاڪ جا انعامات

دوستو! اسان کي روحاني زندگيءَ ۾ داخلا ڪرائڻ لاءِ ئي درود پاڪ صلي الله عليہ وسلم جو ورد جاري رکڻ جو چيو ٿو وڃي، اصل اها محنت ئي اسان کي ضمانت ڏئي ٿي، تحفظ ۽ ڏئي ٿي بچاءُ، گناهن کان ۽ شوق پيدا ڪرائي ٿي ان هستيءَ جو جنهن تي درود پاڪ صلي الله عليہ وسلم پڙهڻ لاءِ الله پاڪ پڻ حڪم پيو جاري ڪري ۽ محبت جو اظهار ڪري ٿو، وري ان هستيءَ جي باري ۾ قبر ۾ پڇا ڳاڇا ڪئي پئي وڃي،

**”عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ رضى الله عنه قَالَ: قَالَ رَسُولُ اللهِ صلى الله عليه وآله وسلم: إِذَا قُبِرَ الْمَيِّتُ أَوْ قَالَ: أَحَدُكُمْ أَتَاهُ مَلَكَانِ أَسْوَدَانِ أَزْرَقَانِ، يُقَالُ لِأَحَدِهِمَا الْمُنْكَرُ وَالْآخَرُ النَّكِيرُ. فَيَقُولَانِ: مَا كُنْتَ تَقُولُ فِي هَذَا الرَّجُلِ؟ فَيَقُولُ: مَا كَانَ يَقُوْلُ هُوَ عَبْدُ اللهِ وَرَسُوْلُهُ أَشْهَدُ أَنْ لَا إِلَهَ إِلَّا اللهُ وَأَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهُ وَرَسُوْلُهُ“ (ترمذي، السنن، كتاب الجنائز عن رسول الله ﷺ، باب ما جاء في عذاب القبر، 3 : 383، رقم: 1071)**

وري ڏسون اها هستي پاڻ فرمائي ٿي، پل صراط تي درود شريف پڙهڻ وارو جلدي گذري ويندو. (القول البديع)

وري حوض ڪوثر تي پاڻي بہ پاڻ پيا پيارين (شفا شريف، جلد 2)

**”أولي الناس بي يوم القيامة أكثرهم عَلَيَّ الصلاة“**

**راوي: عبدالله بن مسعود (ترمذي، الجامع الصحيح، 2 : 354، ابواب الوتر، باب ماجاء في فضل الصلاة علي النبي ﷺ، رقم : 484)“**

قيامت ۾ ان هستيءَ کي ويجهو ڪرڻ واري محنت بہ درود پاڪ صلي الله عليہ وسلم، وري ڏسون شهيدن سان گڏ حساب ڪرائڻ واري محنت بہ درود پاڪ روزانو هڪ تسبيح.

’’عن أنس بن مالک رضه قال قال رسول ﷺ من صلي عَلَيَّ مائة کتب الله بين عينيه براءة من النفاق و براءة من النار وأسکنه الله يوم القيامة مع الشهداء‘‘

(طبراني، المعجم الاوسط، 7 : 188، رقم : 7235)

وري زندگيءَ ۾ آخرت واري جهان جا انعامات ڏيکارڻ واري محنت بہ درود پاڪ روزانو هڪ هزار.

’’من صليٰ عَلَيّ في يوم ألف مرة لم يمت حتي يري مقعده من الجنة‘‘

(منذري، الترغيب والترهيب، 2 : 328، رقم : 2579)

وري ڏسون زندگيءَ ۾ تڪليفن کان پري ڪرڻ ۽ محتاجي کان پري رکڻ واري محنت بہ درود پاڪ صلي الله عليہ وسلم روزانو پنج تسبيحون (جذب القلوب).

پوءِ دوستو بس سجاڳ رکو ان محنت جي، الله پاڪ اوهان کي خوش رکي، آمين.

تاريخ:- 12-05-2019



# بدڪاري کي ڀلائي سان روڪيو

دوستو اڄ وري اسان گڏ ٿيا آهيون اها محبت آهي جنهن اسان کي پاڻ ۾ ملائي ڇڏيو آهي، الله پاڪ جا ڪرم آهن هن دجالي دور ۾ جتي فتنا وافر مقدار ۾ هر هنڌ بغير ڪنهن قيمت جي دستياب هجن، اتي وري نيڪي جا ڪم، اهو فضل ربي آهي، بس منهنجا پيارا، پنهنجي معاشري ۾ پکڙجي وڃو محبوب جي هڪ خريد ٿيل غلام وانگي، ائين نہ سوچيو اوهان ڪجهہ آهيو، سڀ ملامتون سر تي، پر، محبوب جو نالو اڳ ۾، بدڪاري کي ڀلائي سان روڪڻو آهي، عاجزي ۽ نرمي سان، ڏاڍ مڙسي هلڻي ناهي، جيستائين ڪنهن جا چيل الفاظ اوهان کي ڏکيا لڳندا، تيستائين سمجهو اڃان اوهان جي طلب ۾ شڪ آهي، وري پاڻ کي آڻيو ان گيريج تي جتي اوهان جي واشينگ ٿئي، اسان جو ڪنهن سان نہ مناظرو نہ ئي بحث مباحثو سڀ عيب اسان ۾ موجود سمجهو پين کي وڏ ۽ پاڻ کي گهٽ ڪندا تڏهن وڃي تبليغ ڪارگر ٿيندي، اها روش فقط پنهنجن دوستن سان رکو، هڪ ٻئي جي ٻڌل ڳالهين تي ڌيان نہ ڏيو شيطان انتظار ۾ آهي تہ ڪٿي وجهہ ملي، اهو اوهان کي محسوس ڪرائيندو تہ هاڻ اوهان عزتن وارا معتبر ٿي ويا آهيو جيڪڏهن اهڙا خيال اچن تہ جلدي ۾ ان کان پاڻ کي آجو ڪريو وري ڪم کي لڳي وڃو اوهان جو استاد اوهان کان اهو ئي ڪم وٺندو جيڪو اوهان جي وس ۾ هوندو، تبليغ لاءِ تعلق ۽ ڀائيچارو لازمي آهي، نرمي اهو جز آهي، جيڪو ڪارآمد نسخو اٿئو اسان جي سمجهائيندين نٿا ٿڪجون تہ توهان وري ٻڌڻ جو حوصلو رکو الله پاڪ اوهان کي پنهنجي حفظ امان ۾ رکي.

تاريخ:- 14-05-2019

# وقت جو قدر ڪريو

دوستو! اڄ منهنجو موضوع وقت آهي، الله سائين قرآن شريف جي سورت والعصر ۾ بہ وقت جي ڳالهہ ڪئي آهي، ڇون تہ وقت بادشاهہ آهي، جنهن جي پاسي ٿئي ٿو دنيا ان طرف جهڪي ٿي، وقت پنهنجو بہ آهي تہ پرايو بہ آهي، پنهنجو ٿي ڏکئي وقت تي هٿن مان نڪريو وڃي، پرايو ٿي ڪري پنهنجن کان وڏيڪ ڪم اچيو وڃي، وقت استاد ٿي سيکاري بہ ٿو تہ شاگرد ٿي سکي بہ ٿو. وقت جوان ٿي مستيون ڪرائي بہ ٿو وري پوڙهو ٿي، جواني کي ياد ڪرائي بہ ٿو. وقت صحت ۽ تندرستي مان بيماري ۾ گهلي تندرستي واريون موجون ياد ڏياري بہ ٿو. وقت دوست مان دشمن ۽ دشمن مان دوست ناهڻ جو فن ڄاڻي بہ ٿو. وقت جلد بازي وارا فيصلا ۽ خاص ڪري محبتن جا گل لڳرائي وري اڪيڙائي بہ ٿو پوءِ سڄي زندگيءَ پڇتائي بہ ٿو. وقت وفا جي واٽ جو ٻڌائي پاڻ لڪي ڏسي ٿو جيئن ڪربلا جي تاريخ ڏسو ڇا ڇا نہ ٿيو. منصور سرمد ۽ بلاول کي وقت ئي ان طرف آڻي اڪيلو ڪري تماشو ڏيکاريو. پر وفا وري بہ وفا آهي جيڪا وقت کي چوي، تون گذري وڃيندين پر مونکي مياري نہ ڪر. مون ان محبوب سان وفا جو وچن ڪيو آهي، جيڪو منهنجو ضامن آهي، مونکي اڪيلو ڪو نہ ڇڏيندو. انهيءَ جو حڪم اکين تي، مونکي ويجهي ۾ ويجهو ٿيڻ وارو فن سکي وٺ. اهو اسان سکي ورتو آهي، ڪثرتِ درود پاڪ صلي الله عليہ وسلم جي محنت. انشاءالله شاباش پٺ دعائون. الله اوهان کي خوش رکي، آمين.

تاريخ: 08-08-2019



# ڪجهہ اصول ۽ ضابطا

دوستو! ڪجهہ تعليمات دعوت درود پاڪ صلي الله عليہ وسلم جي محنت ڪرڻ ۽ ڪرائڻ وارن لاءِ هيءَ گهرجون پوريون ڪرڻيون پونديون آهن. جيئن تہ پهرين شرط ضابطو پنهنجي ڪاوڙ ۽ جذبات تي، اسان کي ڏسڻو پوندو. معلم ڪائنات محبوب ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي صبر واري واٽ تي عمل ڪرڻ ضروري آهي، درود پاڪ صلي الله عليہ وسلم جي محنت ڪرڻ وارن ۽ ڪرائڻ وارن شاگردن لاءِ، پنهنجي ذاتيات کي الڳ رکڻو پوندو. هي روحاني دنيا الڳ آهي، گهر جي ڪاوڙ هن درود پڙهڻ وارن تي استعمال ڪرڻي ناهي، ان کان پوءِ اسان جو رويو شفقت وارو هئڻ گهرجي، نرم نياز ۽ نوڙت سيکارجي دوستن کي، ضد. انا. عدم برداشت. اسان جي تربيت ۾ ناهي، خواب عمليات ۽ فتني بازي واري هر گفتگو. جنهن مان ڪنهن جي دل آذاري ٿئي، ان کان بلڪل پري، پاڻ ۾ ويهي هڪ ٻئي لاءِ اهڙي ڪا بہ گفتگو کان پرهيز جنهن سان ڪنهن جي دل ڏکي ٿئي، اسان کي محبتن جو سامان ميسر ڪرڻو آهي، عزت ڪبي تہ عزتون ملنديون. هن قحطِ انسانيت جي دور ۾. اهي شرط آهن. درود پاڪ صلي الله عليہ وسلم جي محنت ڪرڻ ۽ ڪرائڻ جي پيروڪارن لاءِ.

تاريخ:-12-05-2019

# وسيلو هٿ ڪيو

دوستو! شاهه سائين فرمائي ٿو

وِرهُ جَنِ وَٽانُ،
سُورُ سَلامِي تَنِ جو،
جَنِ لَڳو تَنِ لَکِيو،
باروچاڻو بانُ،
جيڏِيُون! هي زِيانُ،
مُون سِين نِسوروئي نِنڊ ڪيو

جن وٽ ڏک ۽ سور درد ناهي، اهو خالي آهي پر جيڪڏهن اهي سڀ شيون پاڻ سان گڏ سانڍي رکي هلي پيو، صبر سان ته يقينن عشق محبت ازلي ان جي سلامي پيش ڪئي آهي، تڏهن ايترو شڪر ۽ صبر مليو اٿس. جنهن اهو ڪري ڏنو آهي، اهو ننڊ ۾ آرام ڪي پڻ منشور ۽ ڪم تي فوقيت نه ڏيندو هرگز. ڇو ته محبوب جو ديدار ڪٿي ٿو ويهڻ ڏئي مٿان وري ڏوراپي جو فڪر. وقت ڪمائڻ وارو زيان نه ٿئي آرام ۽ آرائش ۾، جنهن لاءِ دنيا ڪمائين پيو اهي اتي هٿ ڪيڍي ويندي ۽ جتي نه وسيلو نه واهه اتي وسيلو ڳولهه. هن امانت درود شريف جو قدر ڪر ۽ پنهنجي دوستن تائين پهچائي، الله پاڪ توهان کي خوش رکي.

تاريخ: 04-09-2019



# اسباب اختيار ڪريو

دوستو! جيڪي ماڻهو چون ٿا ته هٿ ملائڻ سنت آهي، اُهي صحيح چون ٿا، پر انهن جو اِهو چوڻ غلط آهي ته نقصان ٿيڻ جي خدشي باوجود هٿ ملائڻ سنت آهي، پر هتي هٿ نه ملائڻ سنت آهي، ”ثقيف جي وفد ۾ هڪ شخص جنهن کي ڪوڙهه جي بيماري هئي حاضر ٿيو، حضور صلي الله عليه وسلم هُن کي پنهنجي مقام تان ئي واپس موٽائي ڇڏيو نه عملي طور بيعت ڪئي، نه هٿ ملايو نه ئي سامهون آيا“. (صحيح مسلم: 2231).

ثابت ٿيو ته اهڙي موقعي تي هٿ ملائڻ سنت نه، پر نه ملائڻ سنت آهي.

جيڪي ماڻهو چون ٿا ته ايمان جي هوندي احتياط جي ڪهڙي ضرورت آهي، اهي غلط چون ٿا.

”حضور صلي الله عليه وسلم فرمايو ڪوڙهي کان ائين ڀڄو جيئن شينهن کان خوفزده ٿي ڀڄو ٿا“. (بخاري: 5707).

تنهن ڪري انهي وقت وائرس زده جي سامهون ٿيڻ جي بجاءِ ان کان بچڻ سنت آهي.

جيڪو ماڻهو چون ٿا اسان کي الله تي توڪل آهي ۽ احتياط جي ڪا ضرورت ڪونهي، اُهي غلط چون ٿا.

حضور صلي الله عليه وسلم جو بيان آهي ته ”اٺ جي گوڏي کي ٻڌو ۽ پوءِ توڪل ڪريو“ (ترمذي 2517).

ثابت ٿيو ته اسباب اختيار ڪرڻ سنت آهي، اسباب کان منهن موڙڻ توڪل ناهي.

تاريخ: 21-03-2020

# محبوب صلي الله عليه وسلم جون نصيحتون

دوستو! فتني ۽ آزمائش جي وقت شهر ۽ گهر کي لازمي پڪڙڻ جي لاءِ نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم جون نصيحتون.

1. ”تنهنجو گهر تو لاءِ وسيع ٿي وڃي“ (ترمذي)
2. ”پنهنجي گهر کي لازمي پڪڙيو“ (احمد وابودائود)
3. ”پنهنجي گهرن کي نه ڇڏيو“ (البخاري)
4. ”انهن ڏينهن ۾ پنهنجي گهرن ۾ جمي ويهڻ وارا ٿي وڃو“ (ابودائود)
5. ”انهن ڏينهن ۾ پنهنجي گهرن جي وسيع حصن کي لازمي پڪڙيو“ (پنهنجي گهرن ۾ ويهي رهو). (ترمذي)
6. جنهن پنهنجي مٿان دروازو بند ڪري ڇڏيو اهو امن وارو ٿي ويو“ (ابودائود)
7. اهڙو ماڻهو جيڪو طاعون جو شڪار نه ٿيو پوءِ هو صبر ۽ ثواب جي نيت سان پنهنجي شهر ۾ وينو رهيو انهي ڳالهه تي يقين رکندي ته هن کي اهو ئي ملندو جيڪو لکجي چڪو آهي، ته ان کي شهيد جي طرح اجر آهي“(بخاري).

حضور صلي الله عليه وسلم جي انهن نصيحتن مان خبر پئي ٿي ته پاڻ پنهنجي چوڌاري انسانن جي باري ۾ ڪيڏي حساس طبيعت رکندا هئا. انهيءَ ۾ اهلِ دين ۽ دنيا جي لاءِ وڏا سبق آهن. الله پاڻ سڀني کي هر وقت حضور صلي الله عليه وسلم جي سوانحيات جي مطابق عمل جي توفيق عطا فرمائي. آمين.

حضور صلي الله عليه وسلم هر شيءِ ۾ پنهنجي لاءِ رهنمائي ڪئي آهي، ڇو ته قرآن شريف جي مطابق،

''وَمَا يَنْطِقُ عَنِ الْهَوٰى ﴿٣﴾ إِنْ هُوَ إِلَّا وَحْيٌ يُّوحٰى ﴿٤﴾'' سورت نجم.

تاريخ: 23-03-2020



# دعا وڏي ڳالهه آهي

دوستو! سڀ علاج پنهنجي جاءِ تي هميشه حڪمت ايلوپيٿي، هوميوپيٿڪ، دعا دوا ثقافت ۾ شمار رهي آهي ۽ اسان جي عادتن ۾ به آهي، هر طبقي جو ماڻهو انهن وٽ ويندين ڏٺو ويو آهي، پر اوچتو نازل ٿيل هن وبا سڀني جون وايون وجائي ڇڏيون آهن. ڪنهن کي ڪا خبر نٿي پوي ته ڇا ڪجي، دنيا سڀ پريشان آهي ڪنهن هڪ فرد، مذهب يا ملڪ جي ڳالهه ناهي، ڪجي ته ڇا ڪجي، ڪو چوي ٿو ته لاڪ ڊائون بهتر آهي، ڪو ان کي غلط پيو سمجهي، بيشڪ حتمي طرح ڪو به قابل ذڪر علاج ڪنهن به اجان دريافت ناهي ڪيو. ان ڇڪ ڇڪان ۽ بي روزگاري ۾ عوام واندڪائيءَ ۾ جيڪڏهن ڊاڪٽر حڪيم ۽ پير نه ٿئي ته پيو ڇا ڪري، دعا واقعي وڏي ڳالهه آهي، قبول ڪرڻ واري الله جي ذات آهي، دعائن سان گڏ الله جي مخلوق جنهن سان اسان پنهنجي حال سارو وڏا ويڌن ۽ ناحق ڪيا آهن، هر قسم سان ڪاروبار ۾، دوستي ۾، برادري ۾، سياست ۾، سمجهو ته ڪا به ڪسر ڇڏي ناهي، هاڻي هڪدم نيڪ ٿيڻ جي ڪوشش ۾ آهيون، اهو سٺو عمل آهي، پر مهرباني سان بغير سيلفين جي الله جي بندن جي لڪ ڇپ ۾ مدد ڪريو، جيئن انهن جو نفس مجروح نه ٿئي. هي وقت آهي انسانيت جي خدمت ڪرڻ جو هر هڪ پنهنجي بن مانين مان هڪ ماني پنهنجي پاڙي واري کي کارائي ۽ ائين ٻين سهولتن مان به حصو پتي ڏيو رڳو انسان ٿيڻ جون پوسٽون پڙهي نه رکو عملي طور تي ڪم ڪيو رب کي ريجهايو. ان جي مخلوق کي ڏاڍو ڏگيو اٿئو هاڻ به وياج جا پئسا ڳٽيو پيا، تجوڙين جا دروازا کولي رياست جي مدد ڪريو جيڪي الله ان کي نعمت جي شڪل ۾ عطا ڪيون آهن. باقي ذخيرو ڪري پنهنجي فيملي کي گهر ۾ محفوظ ڪري قرآن شريف ۽ دعائن جي رٽ لڳائيندو، الله بي پرواه آهي ان کي تنهنجي ذڪر فڪر جي ضرورت ناهي.

دوستو قرباني سکو انهن ڊاڪٽرن ۽ حساس ادارن کان وٺي پوليس وارن تائين احساس ڪريو تعاون ڪيو رياستي ادارن سان، الله پنهنجيون سڀ مشڪلون دور فرمائيندو انشاءالله، واسطي محبوب صل الله عليہ وسلم ۽ ان جي پچڙن جي صدقي جنهن جي عظمت کي سلام، جنهن تي ڏھ ڏينهن تائين هر طرح جي بندش هئي، اڄ اسان سڀ ڪجھہ هوندين گھوڙا گھوڙا لڳايو وينا آهيون، ان عظيم قرباني جي صدقي.

تاريخ: 27-03-2020

# دُرود پناھہ گاھہ اَٿو

دوستو! سچ پڇو تہ درودپاڪ آئسوليشن جيان اَٿوَ جنهن درود پاڪ جي محنت ڪئي اهو يقينن آئسوليشن ۾ اچي ويو دنيا جي سيني فتنن کان سيني وبائن کان، درود هڪ پناہ گاہ اٿئو ائين ئي سمجھو قلع بند ٿي ويو اهو ماڻهو جنهن ڪثرت درود پاڪ سان دل لڳائي ڇڏي، اسان جي هميشہ اها ڪوشش رهي آهي تہ گهٽ ۾ گهٽ اسان جو هڪ اڌ دوست درود پڙهڻ وارو هر ڳوٺ، هر شهر ۾ هر پاڙي ۾ هجي الحمد لله ڪافي حد تائين دوست ان محنت سان لاڳاپيل آهن، انشاءالله اها محنت اسان کي ڇوٽڪارو ڏياريندي، روايت ۾ اچي ٿو تہ.

حضرت عبدالله الروزبادي فرمائين ٿا "آئون پنهنجي اٺ تي سوار هئس تہ منهنجو اٺ هڪ جهنگ مان گذريو هڪدم اٺ جو پير ترڪي پيو ۽ منهنجي منهن مان بي اختيار نڪتو "الله" اٺ چيو: الله وصلي الله علي محمد" (سعادت دارين۔ جلد اول۔ صفحہ 405).

دوستو سمجهڻ جي ڳالھہ آهي هڪ پير ٿاپڙجڻ تي بہ هڪ جانور درود پاڪ جا لفظ ورجائي پيو پوءِ اسان چو نہ جتي دنيا سڄي ٿاپڙجي پئي آهي هڪ وبا جي ڪري اچو تہ وري ڪربن ۾ درود پاڪ صل الله عليہ وسلم جي محنت ڪري هن وبا مان جان ڇڏرايون ۽ هميشہ گناهن کان معافي وٺون، الله پاڪ اسان سيني جو حامي ۽ ناصر.

تاريخ: 24-03-2020



# استقامت ۽ صبر کان ڪم وٺو

دوستو! ٻڌڻ ۾ اچي پيو تہ ڪرونا جي مريضن لاءِ قوت مدافعت فائدي جو ڪارڻ آهي، قوت مدافعت، استقامت ۽ صبر سان ملي ٿي، انهن ۾ خد اعتمادي ملي ٿي اهو فڪر ۽ فلسفو ان لاءِ اسان هميشہ استقامت بردباري ۽ صبر جي ڳالھہ کي ورجايو آهي، اصل ۾ ڏسو ماڻهن گهرن ۾ واندا ڪيئن ويهن، جيڪي هميشہ آزادانہ گهمڻ ڦرڻ جا شوقين، اجايو وقت هوٽلن تي ڏيڻ وارا هاڻي وقت کي استعمال ڪيئن ڪن، الله پاڪ جا ڪرم آهن اسان جي وندر اهڙي تہ بهترين آهي جو هڪ تہ وقت جي خبر ناهي پوندي تہ وقت ڪيئن پيو گذري، ٻيو الله ۽ ان جو رسول صلي الله عليہ وسلم ٻي راضي سمجهو تہ سڀ ڪم ٺهي ويا سڀ پريشانيون رفع دفع، موت ۽ رزق جو ذمو الله پاڪ پاڻ ڪنيو آهي ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ اسان هونءَ ٻي متوڪل ۽ توڪل رکڻ وارا آهيون ۽ الله جي هر رضا تي راضي ۽ ڪاربند رهڻ جي تعليم تي عمل ڪرڻ ۽ ڪرائڻ لاءِ جو درس ڏيندڙ آهيون، پر الله جي رسول صلي الله عليہ وسلم اسباب جي ضرورت تي زور ڏنو آهي، ظاهري طرح اسباب جي اهميت آهي زندگيءَ ۾ تڏهن وقت جي تقاضا مطابق جيڪو اسان جي حڪومت حڪم جاري ڪري پئي آهي سڀ اسباب آهن، انهيءَ موت مار وبا کان بچاءُ جون تدبيرون آهن ان تي عمل ڪرڻ کي ئي استقامت چئبو آهي، اسان ۾ درود پاڪ صل الله عليہ وسلم جي محنت سان خد اعتمادي جو اچڻ لازمي پيدا ٿيو ٿو وڃي ۽ اسان کي وقت مليو آهي تہ وڌ کان وڌ درود پاڪ جي محنت ڪريون نماز قائم ڪريون ۽ پنهنجي انجمن جا ڪتاب جيڪي ڇپيل آهن اهي ضرور پڙهو چو تہ انهيءَ بهترين موقعي کي غنيمت ڄاڻون اجايو فالتو وقت زيان ڪرڻ کان، ڪا پريشاني ڪانهي، اللّٰہ اسان سيني جو حامي ۽ ناصر آهي وسيلي پنهنجي محبوب رحمت العالمين صل الله عليہ وسلم جي صدقي سان.

تاريخ: 22_03_2020

# پنهنجي گهرن کي محفوظ بڻايو

دوستو! ڪرونا وائرس جي پکڙجڻ جي انديشي جي ڪري اجتماعن جي منع ڪئي پئي وڃي، ڪجهه جڳهن تي علمائن نماز باجماعت ۽ جمع جي نماز جي اجتماعن جي حاضري کان به منع ڪيو آهي، خوف جي حالت ۾ ائين ڪرڻ جي دليل قرآن مجيد مان به ملي ٿي ته سيدنا موسيٰ عليه السلام ۽ ان جي ساٿين کي فرمايو ويو

وَاجْعَلُوا بُيُوتَكُمْ قِبْلَةً وَأَقِيمُوا الصَّلَاةَ (يونس: 87)

”پنهنجي گهرن کي قبلو ٺاهيو ۽ نماز قائم ڪريو“

سعودي عرب جي علمائن به شريعت جي مطابق اِها فتوا جاري ڪئي آهي ته، جيڪو شخص ڪرونا ۾ متاثر هجي، انهي جي لاءِ جمعي ۽ جماعت ۾ حاضر ٿيڻ منع آهي، ڇو ته حضور ڪريم صلي الله عليه وسلم جو ارشاد آهي ته بيمار کي تندرست سان نه ملايو

لَا يُورِدُ مُمْرِضٌ عَلَىٰ مُصِحٍّ (بخاري)

اهڙي طرح حديث آهي ته، ”جتي طائون هجي اتي نه وڃو ۽ جيڪڏهن پهرين کان موجود آهيون ته اتان کان نه نڪرو“ (بخاري، مسلم).

جنهن کي قرنطينه يا آئوسوليشن ۾ رکڻ جي هدايت ڪئي وئي هجي، اهو ان جي پابندي ڪري ۽ گهر يا عليهده نماز پڙهي. حضرت شريد بن سويد ثقفي رضه کان روايت آهي ته جڏهن ثقيف جو وفد رسول الله صلي الله عليه وسلم جي بيعت لاءِ آيو ته ان ۾ هڪڙي شخص کي ڪوڙهه جو مرض هو نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم ان کي شهر ۾ اچڻ لاءِ منع ڪيو ۽ پيغام پهچايو ته اسان تنهنجي بيعت وٺي ورتي آهي، تون موٽي وڃ. (بخاري)

جنهن ماڻهو کي بيماري جو انديشو هجي يا ان مان ٻين کي متاثر ٿيڻ جو خدشو هجي، انهي کي به جمعي ۽ جماعت ۾ حاضري ۾ نه اچڻ جي موڪل آهي. رسول الله صلي الله عليه وسلم جو ارشاد آهي ته،

” نه نقصان کڻڻ جائز آهي ۽ نه ئي نقصان ڏيڻ، لا ضرر ولا ضرار. (ابن ماجه)

تاريخ: 20-03-2020



# ڪاملن جي صحبت ۾ اچو

دوستو! صحبت جو وڏو سبب ٿئي ٿو قرآن ۾ آهي،

رَبِّ نَجِّنِي وَأَهْلِي مِمَّا يَعْمَلُونَ ﴿169﴾

بد سان بد ٿبو آهي، ڪامل اهي ئي ٿيا جن کي ڪاملن جي صحبت ميسر ٿي، وقت ڪيڏو پوندو آهي، ويٺي ويٺي ظاهري ڊگريون به ڪو نه ٿيون ملن، اسپيشلسٽ کان معائنو ڪرائڻ جي ضرورت آهي، اوهان عيب سمجهي ويهندا، شرم محسوس ڪندا، پنهنجي گفتگو ۾ ۽ ڪچهرين ۾ نالو شامل ڪرڻ توهين سمجهندا ته استادن کان معرفت جا سبق ڪيئن سکندا، پاڻ ئي پاڻ کي ڪامل سمجهي ويهڻ شيطان جي حرام پائي سمجهو، عاجزي پيدا ڪئي وڃي، محبوبن جي نوڪري، نوڪري سمجهي ڏني وڃي، نئون ڪو سسٽم ڪانهي جيڪو سمجهڻ ۾ دشواري محسوس ٿيندي اسان جي نيت ئي اسان جي چوڪيدار آهي، اندر جا راز ئي فاش ٿيندا نظر وارن جي سامهون، تنهن ڪري ڪنهن به اٽڪل ۽ سياست کي روحانيت کان پاسيرو ڪجي، سيکارڻ وارا ماهر هوندا آهن پنهنجي فن ۾.

تاريخ :-30-03-2019

# دين ۾ زبردستي ناهي

دوستو! اسان انسان ڪم عقل آهيون، اسان جي سوچ بہ محدود آهي، روحاني سفر ڏکيو بہ آهي ۽ سولو بہ آهي، ڳالھ فقط سمجهڻ جي آهي، دين کي سمجهڻ لاءِ ئي صوفياءِ اڪرامن، روحانيت وسيلي تمام آساني سان الله ۽ ان جي محبوب سائين تائين رسائي جا طريقا ڳولهي انسانن کي ان طرف آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، نيڪي ۽ بدي جا ڪليل روپ آهن، نفس شيطان ۽ روح جو پاڻ ۾ جهڳڙو آهي، احڪام القرآن، دين ۾ ڪا بہ زبردستي نہ آهي

لَآ اِكْرَاهَ فِي الدِّيْنِ ۙ قَدْ تَّبَيَّنَ الرُّشْدُ مِنَ الْغَيِّ (البقره: ٢٥٦)

دين جي باري ۾ زور زبردستي جائز ناهي، يقيناً هدايت جي واٽ گمراهي کان الڳ ۽ چٽي ڪئي ويئي آهي. (ٻئي واٽون ماڻهن جي سامهون آهن، جنهن کي جيڪا وڻي سا اختيار ڪري)، هاڻي اسان تي آهي ڪهڙي ڳالھ صحيح ۽ ڪهڙي ڳالھ غلط آهي، هن درس کي سمجهو، ڪثرت درود پاڪ صلي الله عليہ وسلم جي محنت وارو انسان منزل مقصود تائين پهچندو، ان هستيءَ جي نسبت سان ئي رحمت آهي.

تاريخ :12-04-2019



# اصل ۽ نقل جو فرق سکو

دوستو! اوهان کي سفر زندگيءَ ۾ محبت ۽ عشق جون ڳالهيون ڪندين اهڙا بهروپيا ملندا، جن جون عادتون ۽ ڪردار جڏهن واڪا ٿيندا تہ دنيا وارا پيي لڄي ٿي پوندا، ڪيڏو نہ سائين لطيف عڪس چٽيو آهي،

بُک اُنِين جِي بِکِيا،<br>
ڏُوڙ اُنِين ڏُوپُ،<br>
ڪِيائُون سو رُوپُ،<br>
جِئان لوڪَ لَڄَ ٿِئي.

سواءِ ڌوڙ دنيا ۽ حوس جي بک کان بس اهو انهن جو ڌنڌو آهي، اصل جي نقل ڪرڻ لڳندا، پر لوھ تي سون جو پاڻي گهڻي دير تائين جٽاءُ ڪون ڪندو آهي، خبرداريءَ سان ۽ حوصلي سان پنهنجي محنت ڪريو ۽ اهڙن عناصرن کان پاڻ کي ۽ پنهنجي دوستن کي بچايو، اها وقت جي تقاضا آهي، روحانيت ۾ پاليسي ۽ نقل کان هلندي، متان ڪٿي فٽ پاٿن تي ويٺل ٺڳن کان مستقبل جا راز ڄاڻندين ٺڳجي نہ پئو، چوڪيدار چوڪيداري ڪندو چو تہ پگهار ڪٺي پيو، پر ڪجھ خيال اوها جي پيي ذمي آهي.

تاريخ: 24-09-2019

# عشق ئي اسان جو رهنما آهي

دوستو! لطيف سائين ڏسو ڇا پيو چوي،

سَجَڻُ ڏِنو جَن،
موتڻُ تَنِين مِيهَڻو،
اِيءَ مَرڪُ مَعذُورِيَن،
جيئَن مَرَنِ پِريان جي پيرَ تي.

اسان جي دوست ۽ سڄڻ ۾ سڀئي چڱايون هيون جي اسان کي نصيب ٿيون، اسان جا لڇڻ سنا نہ هئا، اسان اڳي ڇڙ واڳي واري زندگي گذاري پئي، ڪا خبر ڪانہ هئي تہ حقيقي لطف ڇا ۾ آهي، پر جڏهن درود پاڪ صلي الله عليہ وسلم جي محنت ڪرڻ ۽ ڪرائڻ نصيب ٿي تہ جڻ سڄڻ ملي ويو عيدون سمجهون ٿا، هاڻي اسان ان کان سواءِ پاڻ کي اٽپورو معذور ڄاڻون ٿا، پوئتي ڪيئن هٽبو جند جان گهوربي پرينءَ تي، جنهن لاءِ ڪائنات سجائي ويئي آهي، ان پيرن جي طرف پنڌ ڪبو جتي نشان پرينءَ جا، پوءِ چو نہ اهي ماڳ مڪان هجن، جن جو ناتو ان پرينءَ سان رهيو آهي، اهي ڪاملين ۽ صالحين جا آستانہ هجن، اسان کي اتي پنهنجي پرينءَ جي خوشبوءِ اچي ٿي، تڏهن تہ بار بار اوڏانهن رخ ڪندا آهيون. دنيا جو چوڻ ڪون وڻبو نہ ئي نفس جو رايو ڳولهبو فقط عشق کي حاوي ڪبو پنهنجي حواسن تي. الله پاڪ توهان کي خوش رکي آمين، رب العالمين اوهان کي پنهنجي حفاظت ۾ رکي آمين.

تاريخ: 09-09-2019



# عشق کي قائم رکو

دوستو! موجوده حالات تي نظر ڊوڙايو سڄي دنيا پنهنجو پاڻ کي آئيسوليٽ ڪري ڇڏيو آهي هڪ اڻ ڏٺي دشمن جي خوف کان، ائين ئي سڀئي قلندري دوست جيڪي هر وقت هڪٻئي سان ميل ميلاپ رکندا هئا، هر ڏينهن پنهنجيون ڪٿي نہ ڪٿي محفلون هونديون هيون پر هڪڙي حڪم تحت پنهنجو پاڻ کي انهن سڀني شين کان الڳ ڪري حڪومت جي قانون کي فالو ڪيو پر ڏنو وڃي تہ پنهنجي اها درود پاڪ جي محنت جيئن جو تيئن جاري رهي هر حوالي سان، انهي ۾ ڪو بہ وقفو نہ آيو ڇو جو توهان ۾ اهي عشق محمدي صلي الله عليہ وسلم جا جراثيم گهڻو وقت اڳ منتقل ٿي چڪا آهن، جيڪي توهان کي درود پاڪ جي محنت سان هر وقت هر حال ۾ جوڙي رکن ٿا، توهان کي سجاڳ رکن ٿا.

دوستو! ڏاڏا حاجن سائين (ڏاڏا سائين يوسف شاهہ رح) جي ساليانی چوڏهين جي تقرير دوران مون دوستن کي چيو هو تہ اڄ اسين توهان ۾ عشق محمديﷺ جا جراثيم منتقل ڪرڻ آيا آهيون، تہ مونکان يونيورسٽي جي دوستن پڇيو تہ سائين اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ اهي ڪهڙا جراثيم آهن؟ سائين اسين آيا آهيون توهان کي ٻڌڻ، توهان وري الاهي ڪهڙن جراثيمن جي ڳالهہ پيا ڪريو ۽ هڪ ماڻهو جا جراثيم ٻئي ماڻهو ۾ ڪيئن منتقل ٿي سگهن ٿا؟ دوستو اڄ سائنس انهيءَ ڳالهہ کي تسليم ڪري اهو چئي رهي آهي تہ هڪ ماڻهو جي ٻئي ماڻهو سان هٿ ملائڻ سان بہ جراثيم منتقل ٿي سگهن ٿا، گلي ملڻ سان جراثيم منتقل ٿي سگهن ٿا، اکين مان بہ جراثيم هڪٻئي ۾ منتقل ٿي سگهن ٿا. ڊاڪٽر علامہ اقبال فرمايو تہ.

نگاہِ ولی میں یہ تاثیر دیکھی، بدلتی ہزاروں کی تقدیر دیکھی۔

يعني الله جي ولي جي نگاهہ سان تقديرون تبديل ٿي سگهن ٿيون، مطلب اهي عشق محمديﷺ جا جراثيم نگاهن سان منتقل ٿي سگهن ٿا، پاڪر پاڻ سان بہ منتقل ٿي سگهن ٿا، اڄ سائنس انهي ڳالهہ کي ثابت ڪري رهي آهي تہ، اڪين مان بہ جراثيم هڪٻئي ۾ منتقل ٿي سگهن ٿا، توهان ميڊيا تي ٻڌو ۽ ڏٺو هوندو تہ ڪرونا وائرس وگهي فوت ٿيل ماڻهو کي الڳ قبرستان ۾ سخت حفاظتي انتظامن سان دفنايو وڃي ٿو ۽ چيو وڃي ٿو تہ هن جي مٽيءَ کان بہ پري رهو، ڇو جو هن جي مٽيءَ مان بہ جراثيم توهان ڏانهن منتقل ٿي سگهن ٿا. دوستو هڪ عام ماڻهو جي مٽيءَ مان جراثيم جيڪڏهن منتقل ٿي سگهن ٿا تہ پوءِ اهو الله وارو جنهن جي قبر مبارڪ جي مٽيءَ کي اسين چمون ٿا، پاڪر پايون ٿا، جنهن ۾ عشق محمديﷺ جا جراثيم موجود آهن، ڇا اهي جراثيم اسان ڏي منتقل نٿا ٿي سگهن؟ يقينن ٿي سگهن ٿا، دوستو ڳالهہ ڪرڻ جو مقصد تہ جن سوالن جا جواب دنيا وارا اسان کان گهرندا هئا، اڄ انهن سيني سوالن جا جواب سائنس انهن کي ڏئي رهي آهي.

تاريخ: 25_05_2020



# ڪامل هستي جو شعور

دوستو! اوهان ڏسو اسان جو درس ڇا آهي، اسان ڪنهن جي نسبت جي ڳالهہ پيا ڪريون، اسان جو محبوب صلي الله عليہ وسلم مبلغ عظيم آهن، پاڻ پنهنجي ڪردار سان تبليغ ڪئي اٿن، الله سائين فرمائين ٿا،

”يَاأَيُّهَا الرَّسُولُ بَلِّغْ مَا أُنْزِلَ إِلَيْكَ مِنْ رَبِّكَ“ سورت المعادہ آيت نمبر 67.

الله جي طرفان جيڪو عنايت ٿيو آهي اهو تقسيم ڪن ٿا، ظاهري ۽ روحاني هر نعمت عطا فرمائين ٿا، ”پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وسلم تڪليف ڏيڻ لاءِ نہ تڪليف دور ڪرڻ لاءِ آيا آهن، تبليغ جي ذريعي“ (امام طبراني معجم ڪبير).

دوستو! اڄوان مبلغ صلي الله عليہ وسلم سان ناتو جوڙيون، ان جي انداز اخلاق ۽ ڪردار کان ماڻهن کي واقف ڪجي، ان هستيءَ ڪامل رهبر سان ڪثرتِ درود پاڪ صلي الله عليہ وسلم جي وسيلي نسبت قائم ڪجي ۽ عام بہ ڪجي، جيئن دنيا جون تڪليفون سڀ دفع ٿين، الله پاڪ اوهان کي پنهنجي حفظ امان ۾ رکي.

تاريخ :-18-04-2019

# صحبت جو اثر

دوستو! صحبت جو وڏو اثر ٿئي ٿو جو انسان جيڪڏهن انساني وصفن جي کنهن مالڪ انساني صفت دوست سان لاڳاپيل رهي ٿو ته اهي خوبيون شامل ٿين ٿيون، جيڪي کنهن ڪامل انسان ۾ هجن ٿيون، دوستو ڏسو انسان سڀ انسان پر ڪي وري ڪامل ته ڪي وري شيطان جا دوست. هاڻي توهان پاڻ سمجهو جن جا ڪردار ۽ وصف شيطان جهڙا ٿين، اهي ٿيا شيطان، پوءِ ڀلي اهي ظاهر ۾ ڪنهن به روپ ۾ چو نه هجن، جيڪڏهن انساني ارڪان ان جا جز ٿين ٿا. ته پوءِ اهي ڪمال جا ٿين ٿا. جن کي ڪمال ملي ٿو اهي وري ڪامل به سڏجن ٿا. دوستو ائين وري اسان جي تعليمات ۾ به ٻئي روپ اٿئو اسان کي احتياط سان سوچڻو پوندو ته اسان جي تعليمات به انساني قدرن سان مالا مال هجي، جيڪڏهن اسان پنهنجي سيني ڪمن ڪارين مان، شيطاني ڪردارن کي نيڪالي ڏئي ان جڳهه تي انسانيت کي حاوي ڪري وياسون ته اسان ڪامياب ٿي ويندا سون، جيڪو ائين ڪري ٿو ان کي ايمان وارو سڏجي ٿو ائين تڏهن ئي ٿي سگهجي ٿو جڏهن، يا رهو پرين وٽ، يا ڪر پرين جي پچار. الله پاڪ اوهان کي خوش رکي آمين.

تاريخ: 21-05-2019



# عورت جو ڏوهه ناهي

منهنجي نظرن ۾ عورت ڪا ڀي گنهگار ناهي هوندي، ان جي پويان ان کي خراب ڪرڻ لاءِ اسان جو معاشرتي عمل آهي، جيڪو ڏيکاو جي صورت ۾ ان کي جڪڙي ٿو پوءِ اهي سڀ ڪم ان عورت کان ڪرائي ٿو جيڪي مناسب ناهين هوندا. عورت کي عورت جو دشمن معاشرو ناهي ٿو هڪ سس ۽ نونهن جي رشتي ۾، پهاج جي روپ ۾، پاڙيسري زدي، ظاهري نمود نمائش جي رنگ ۾، دنيا جي ضرورتي اشيائن جي شڪل ۾ هڪ ٻئي کان اڳتي نڪرڻ جي ڊوڙ ۾، پوءِ سڀ گناه ٿي وڃن ٿا ۽ هو ڪنهن نه ڪنهن طرح لالچ ۾ اچي وڃي ٿي، ان جي پويان وڏو ڪارڻ ان ناقص مرد جو آهي جيڪو هڪ عياش پرست، جواري، بي وفا. نالائق پيءُ ۽ نافرمان پٽ، هاڻي اهي سڀ ڏوهه ان عورت تي اچيو ٿا وڃن، جيڪا ايڏي ابتدا ۾ خراب نه هئي، عورت کي دنيا امان سائڻ بيبي زينب عليه السلام جي روپ ۾ ڏنو جنهن سڄي قبيلي جي قرباني بعد هڪ قيدياڻي جي حيثيت ۾ جيڪا جامع تقرير ڪئي، هڪ ظالم ۽ جابر جي اڳيان اها عورت جي آزاديءَ لاءِ وڏي ويڙه هئي، استاد عظيم، محسن انسانيت نبي آخر زمان صل الله عليه وسلم، پنهنجي تعليمات ۾ جيڪو ڪجه فرمايو اهو رهڻ سهن، انگ ڍڪڻ، اخلاقي، وراثت، ڪنهن ڀي قسم جي ڪا ڪمي محسوس نٿي ٿئي، پاڻ ڪريمن صل الله عليه وسلم عملي طور امام سائڻ بيبي فاطمه عليه السلام سان پيش اچڻ، پنهنجي حرمن جو خيال رکڻ، اسان لاءِ ان کان وڌيڪ ڪا ٻي تعليم ۽ آزاديءَ ٿي نٿي سگهي.

(دوستن جي سوالن جي جواب ۾ ڪچهري)

تاريخ: 05-03-2020

# اسلام ۾ سڀ ڪجھ موجود آهي

سلام دوستو! خوامخواه هڪ اهڙو بي وقتائتو فضول موضوع ڇيڙيو پيو وڃي ۽ ان کي ايترو وڌائي پيش ڪيو پيو وڃي، ايتري قدر ان تي اهڙا ناقابل تبصرا سوشل ميڊيا کان وٺي اليڪٽرانڪ ميڊيا تي بحث ڪيو پيو وڃي، جيڪو حقيقتن جي بلڪل ابتڙ آهي، اصل ۾ ڪا پڻ عورت بيحيثيت سواءِ هڪ مرد جي ڪيئن رهي سگهي ٿي، ائين ئي هڪ مرد سواءِ عورت جي ڪيئن رهي ٿو سگهي، ڇا ڪا عورت هڪ پٽ، هڪ والد، هڪ ڀاءُ ۽ هڪ مڙس کان سواءِ ڪهڙي مقصد جي رهي سگهي ٿي، ائين هڪ مرد هڪ امڙ جي پيار ۽ ان جي هنج کان سواءِ، هڪ نياڻي جي انهن حسين انگل ارائن ۽ ادائن کان سواءِ، هڪ ڀيڻ جهڙي لاجواب صورت محبت ۽ زندگيءَ جي ڏک سک جي هر موڙ ۾ ساٿي ٿي ٻيهڻ واري هڪ زال کان سواءِ ڪا پڻ معنيٰ رکي ٿي نٿو، اهو ناتو اهڙو ته پاڻ ۾ لازم ملزم آهي هڪ مرد ۽ عورت جي وچ ۾، جنهن کي ٽوڙڻ جي ڪوشش ڇاجي لاءِ ڪئي پئي وڃي، باقي انهن سڀني رشتن جنهن جو مٿي بيان ڪيو ويو آهي، ان ۾ ڪجھ نالائقيون ضرور ٿين ٿيون جيڪي قابل مذمت آهن، ان نازڪ ۽ خوبصورت روپ کي هڪ فحاشي جي ور چاڙهيو وڃي، ڪنهن به مذهب ۾ اهڙي اجازت ڪٿي آهي، اسلام ته هر هڪ طرح حقوقن جو ته محافظ آهي، اسلام کي هڪ نقلي پير يا مولانا جي شڪل ۾ نه ڏسو، اسلام کي محبوب ڪريم صلي الله عليہ وسلم جيڪو رحمت آهن ڪائنات لاءِ، ان جي تعليمات ۾ ڳوليو وڃي، ان ۾ سڀ ڪجھ حق موجود آهن، هر هڪ فرد لاءِ، ان تي عمل ڪرائڻ اسان جي معاشري جو ڪم آهي، جن لاء اسان ڪيترن سالن کان انجمن غلامانِ قلندر ويلفيئر سنڌ جي ذريعي هر وقت ڪوشان آهيون.

تاريخ: 07-03-2020



# زندگيءَ مان سبق سکو

دوستو اسان پنهنجي زندگيءَ ۾ پهريون دفعا اهڙا ڏکوئيندڙ منظر ڏٺا، جڏهن سڄي دنيا هڪ اڻ ڄاتل دشمن (جراثيم ) جي خلاف حالت جنگ ۾ اچي سڄڻ دشمن ممالڪ هڪ خوف ۾ مبتلا ٿي ان ويڙه لاءِ گڏ ٿي ويا آهن، جنهن تي فتحيابي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪو وقت مقرر ناهي، هڪ اهڙو تاريخي موڙ جنهن هر موڙ نسل ۽ مذهب کي يڪسانيت جي بنيادن تي تباهي تي رکي، انسان کي انسان کان اهڙو ته ڊيڄاري ڌمڪائي وڌو، عزيز اقاربن کان پڻ هڪ خوف ڏئي ڇڏيو آهي، اها ڳاله اسان لاءِ سبق آميز آهي ته ۽ اسان کي سوچڻ جي سگهه مهيا ڪري ٿو ته، عالم اسلام پنهنجي دعائن ۽ گناهن کي بخشائڻ وارو ڏر (خانہ ڪعبت الله) بند ٿيندين ڏٺو وري ان تي اهل نظر وارن کي روئيندين ۽ سڏڪندين پڻ ڏٺو، وري اهڙا منظر زائرين اهلبيت عليہ السلام جي عاشقن پڻ ڏٺا، اسان سڪ وارن تاريخ ۾ لعل سائين جي دربار کي خالي ڏسي ڪهڙو نه صدمو برداشت ڪيو هوندو، اهي پنهنجي جڳه تي اهميت رکن ٿيون، مگر هاڻ اسان کي خاص طور اسان درود پاڪ جي محنت ڪرڻ واري هڪ تعليم يافتہ تنظيم آهي، انهيءَ کي فقط پنهنجي ملڪ جي قانون ۽ قائدن تي عمل ڪرڻو آهي، اسان تعليمات رسو صل الله عليہ وسلم تي هلڻ وارا آهيون ته انهيءَ ڪري برائي مهرباني ڪنهن پڻ ٽوٽي ڦيٽي کان هٽي ڪري فقط استغفار ۽ درود پاڪ جي محنت ڪريو ۽ اهي وظائف جيڪي وقتن به وقتن اوهان کي ٻڌائيا آهن، هي ڏکيو وقت پڻ گذرڻو آهي، مايوس ٿيڻ جي ڪا پڻ ضرورت ناهي سڀ الله پاڪ جي حڪمت آهي انهي جي پويان ڀلائيون پڻ هونديون، الله پاڪ اسان سڀني جو حامي ۽ ناصر آهي.

تاريخ: 17_03_2020

# بي حيائي، برائي کان بچو

دوستو! منزلون ويجهيون هوندين ٻه ڪڏهن اکين کان اوجهل ٿي وينديون آهن، ماضيءَ حال جي مستين ۾ وسريو وڃي، سڀ يادگيريون سلپ ٿيو وڃن، جڏهن خوشي غمن جي جڳهه والاريو ڇڏي ته ڏکيا ڏينهن پلجيو وڃن، ڏکين ڏينهن جا وفادار ساٿي ذهنن تان لهيو وڃن، انسان ٻه عجب مخلوق آهي، ايندڙ مستقبل جو فڪر خوشين ۽ مستين ۾ ان کي نظر نٿو اچي، وريو پاسو پلٽيو پوي، جڏهن وري مطلب پرستيءَ جي وجهه سان خوشين وارا دوست دور ٿي ويا غمن جي بارن کان ان وقت وري اهو پراڻو واپار ۽ پراڻيون ڪنهن جون سمجهاڻيون ياد اچڻ شروع ٿي ويون، پر شرم کان ڪنڌ جهڪڻ لڳو پر اڳئيون دوست مطلبي نه هو ۽ نه ئي اوهان جي سٺن ڏينهن لاءِ ساٿي بڻيو هو بامقصد ماڻهو هو وفاداري ان جو سبق هو هو هميشه ائين چوندو لطيف جي فڪر انهن جي لفظن ۾،

هلندي هاڙهو مٽي گسان تان ۾ گسان،
لکن تان، لطيف چئي، رڙهي مان رسان،
پنهون، شال پسان، وهان تان وس پئو.

بس ان کي نه ڇڏ هڙتال ڪر پنهنجي ظالم ظاهر نفس سان ڪجه وقت ڏي ان پنڌ لاءِ جيڪو ايندو ڪو نه ڇڏيندو پنهون وري ٻه پنهنجو ڪندو انشاءالله. دوستو بس لڳي پئو ان عظيم سبق سان جيڪو رات ڏينهن اسان سان گڏ سفر ۾ ٻه ساڻ هجي ڪو لهر لوڏو ڪو نه ايندو سفر سٺو گذري ويندو ۽ پاسن مان اڻ چاتل جون رڙيون پڌڻ ۾ اينديون اسان تياري ڪان ورتي اسان کي منزل ۽ سفر جي ڪا خبر ناهي، وقت وري نه ايندو اي جوانو جوان اهي آهن جن پاڻ کي پري ڪيو غلط ۽ بي حيائي جي ڪمن کان، ناتو جوڙي رکيو سلامتيءَ وارو، اهي سلامت آهن اڄ ٻه ڏسو صدين کان پوءِ انهن جون درگاهون پناهگاهون آهن پيٽ بکايلن لاءِ، لاوارثن لاءِ اجهو مهيا ڪن پيون، سڪون ۽ آرام آهن دنيا جي مريضن لاءِ اها سڀ ان پنهون جو پيار آهي، جيڪو هو هٿ ڪري هاڻ هو ٽپي ويا.

تاريخ: 28_04_2020



# سستي ڇڏيو

دوستو! لطيف چوي ٿو ته،

جَجها ڏيج جُهارَ

پيغام گهڻائي ۾ وجين ڏي ۽ وڏي دل ڏاري ڏي،
مُنهنجا مَلِيرَ ڄائِيَين،
منهنجي هم وطنن کي، مطلب ته دنيا ۾ زنده رهڻ وارن کي،
آسَرَ پِرِي آهِيان،
اميد نه لاهيو مايوس نه ٿيو،
پَرَچَن مانَ! پَهُنوارَ

منٿون ميڙون ڪري استغفار، درود شريف جي محنت سان ڪري مالڪ کي پرچائي وٺبو.

ويڙِہُون ۽ وَلهارَ ڪِ سُوايا سارِين مُون؟

اهي محفلون ۽ محفلن وارا خوش ٿين، اوهان ڇڏجڻ وارا ڪو نه آهيو اوهان کي اڪيلو ڇڏبو ڪو نه، خوشين جا ڏينهن ايندا، پر ڪجهه صبر ڪبو توبه جو در بند نه ٿيو آهي، دوستو سستي ڇڏيو اٿو الله پاڪ کي سندس محبوب سائين صل الله عليه وسلم جي درود پاڪ جي محنت سان پرچايون.

جَجها ڏيج جُهارَ
مُنهنجا مَلِيرَ ڄائِيَين،
آسَرَ پِرِي آهِيان،
پَرَچَن مانَ! پَهُنوارَ
ويڙِہُون ۽ وَلهارَ ڪِ سُوايا سارِين مُون؟

تاريخ: 30_04_2020

# ڪردار جي خوشبو

دوستو! صحبت جو وڏو سبب ٿئي ٿو چڱن کان چڱايون ملن ٿيون، اهي سڀ چڱا آهن، جيڪي هن فتنن جي دور ۾ جتي اعتبار تان اعتماد کڄي وڃي، ڪنهن تي ڀي يقين ممڪن ئي نہ رهي، ان وقت هڪ اهڙو ٽولو نمودار ٿئي، جنهن جي ڪردار مان اها خوشبوءِ اچي، جيڪا نہ چاهيندين ڀي پنهنجائپ جو احساس ڏياري نہ ڄاڻ نہ سڃاڻ، پوءِ ڀي ڪشش جو ڪمال شاهہ جي هن بيت وانگي،

ڪانڌ! ڳُلارين ڪپُڙين،
ورَا وَناهِيُوءُ،
جت سانگِيُن جِي سِٽ وهي،
اُت وکَ وڏندِي پاءِ،
تان تان پِوُمَ لاهِ،
جان جان نُونڌين نہ چڙهين،

انهن سان ناتو رک وکون وڏائي نہ خوف، نہ ڪٽڪو نہ ڊپ نہ ڊاهہ اهي صوفي اٿئي بي غرض اٿئي هن غرص جي دنيا ۾، اڄ اڄ کان درود پاڪ صلي الله عليہ وسلم جي محنت ڪر ۽ ڪرائي تہ ڏس.

تاريخ: 04-09-2019



# صبر کان ڪم وٺو

منهنجا پيارا دوستو! اوهان جون الجهنون ۽ ڳالهيون سڀ ٺيڪ آهن، پر وقت سنگين تر سنگين ٿيندو پيو وڃي، آئون وڏيڪ ٻڌائڻ کان قاصر آهيان، جنهن معاشري ۾ پاڻ رهون پيا سٺن سان گڏ ڪجهہ شر پسند عناصرن جي بہ ڪمي ناهي، جن کي الله پاڪ جو نہ ڪو خوف، نہ بيماري جي پرواهہ. اهڙا ماڻهو وقت جي تاڙ ۾ هميشہ هوندا آهن، تنهن ڪري پنهنجي مال جان ۽ ٻچڙن جي بہ نگهداشت جا فرض ۽ پاڙي وارن جون گهرجون اهي سڀ اسان جي فرضن ۾ اچن ٿيون، باقي بلڪل اهو درست آهي تہ الڳ الڳ ويهي درود پاڪ جي محنت ڪريو احتياط لازمي آهي، مرض تمام خطرناڪ صورت اختيار ڪندو پيو وڃي، درود شريف جي محنت ۽ ان جي برڪت کان انڪار هرگز ناهي، پر تعليمات محبوب سائين صلي الله عليہ وسلم جي دائري ۾ سڀ پرهيز ۽ احتياط ڪرڻ جائز آهن. هڪ مسلمان جي زندگيءَ جي حرمت ڪعبہ کان مٿي آهي، ڪا خبر ناهي هي وبا ڇا ڪندي، اسان کي هر ڏکئي وقت لاءِ تيار رهڻ گهرجي، شاباش تہ انهن ڊاڪٽرن ۽ رياستي ادارن کي آهي جيڪي فرنٽ تي بيهي پنهنجي جان جي پرواهہ ڪرڻ کانسواءِ هن وبا سان وڙهہ ڪن پيا، اسان رڳو هڪ هنڌ ويهي صبر نٿا ڪري سگهون.

تاريخ: 28-03-2020

# صبر ۽ شڪر

دوستو! الله سائين جي پنهنجي هر ڳالهه پويان وڏي حڪمت لڪيل هوندي آهي، اسان اڻڄاڻ نٿا سمجهي سگهون. ٿورڙي سرديءَ گرميءَ تي هٿيار ڦٽا ڪري ويهون ٿا. دنيا جون زهريلي آلودگيون سڀ ختم ٿين پيون جيڪي انسانيت لاءِ وڏيون هاڃيڪار هيون. وري نئين طريقي سان دنيا جو ماحولياتي سسٽم سان گڏوگڏ سماجي برائين کي پي بجو ايندو، ڪجهه جيڪي آزادانه ويس ۽ پوشاڪ جون ڳالهيون پئي هليون اهي اڄ سڀ نقابن ۾ قابو آهن ته هڪڙي معمولي جراثيم جي هٿان سيني سپر پاورن کي پنهنجي اوقات ياد ڏياري ڇڏي ان خالق ڪائنات. مونکي ياد پيو اڇي مون يونيورسٽي جي شاگردن کي چيو توهان جون ظاهري ٽيڪنالاجيون ناڪام ٿيڻ پيون وڃن، سُڌري وڃو ڇڙواڳي ايتري چڱي ناهي اسان تعليم ۽ سائنس جا مخالف ناهيون پر پنهنجي اصليت کي به وسارڻ سٺو ناهي، مالڪ کي پنهنجي ڪائنات هلائڻي آهي، اسان وٽ رستو صبر شڪر ۽ توبهه جو بچيو آهي، هي فقط هڪ اشارو آهي، ڪيڏي اچرج جي ڳالهه آهي پنهنجي گهر يعني مسجدن ۾ به اسان کي اچڻ کان پري ڪري ڇڏيائين. اجان به اسان خوش فهمي ۾ آهيون. اچو ته اهو آخري هٿيار وسيلو محبوب ۽ سندس آل جو وٺون، ڪثرت سان درود پاڪ جي محنت ڪريون ۽ استغفار به پڙهون الله رحم فرمائي آمين.

تاريخ: 30-03-2020



# گهرن ۾ درود پاڪ جون محفلون جاري رکو

درود پاڪ جي محنت اسان لاءِ هڪ انشورنس اٿئو زندگيءَ جي هر موڙ تي اسان جي رهنمائي سان گڏوگڏ هرطرح جي تڪليفن جو ازالو پڻ ٿيندو، اسان سڀني جي محبوب سائين صل الله عليه وسلم جن فرمايو ته،

ڪا پڻ وبا مديني شريف ۾ داخل نٿي ٿي سگهي، ڇاڪاڻ جو هر طرف کان ملائڪن جو پهرو آهي (صحيح بخاري حديث نمبر 6974).

اسان جو پڻ هميشه اهو منشور رهيو آهي ته اسان پنهنجي دل کي مدينو ناهي ڇڏيو رڳو ڳالهين سان نه پر عملي طور تعليمات نبوي جي تحت، ته پوءِ اسان تي ڪا پڻ وبا اثر انداز نٿي ٿي سگهي، اسان هر گز خوف زده ناهيون مگر دنيا جي قانونن ۽ قائدن جو احترام لازمي ڪرڻو آهي، جنهن معاشري ۾ رهون ٿا ان جي ڀلائي ۾ حصو وٺڻ فرض ۾ شمار ٿئي ٿو اهڙي طرح اسان کي پنهنجي ملڪ جي هر قانوني حڪم کي فالو ڪرڻو آهي، هڪ اڻ ڏٺل جراثيم جي خلاف جڏهن سڄي دنيا حالت جنگ ۾ آهي ته اسان کي پڻ هر حال ۾ تعاون ڪرڻ گهرجي، انهيءَ مان اسان جو انسان دوست ثابت ٿئي ٿو پنهنجي گهرن ۾ درود پاڪ صل الله عليه وسلم جي محفلون جاري رکو پنهنجون حاضريون لڪرايو الله پاڪ اسان سڀني جو حافظ ۽ نگهبان آهي.

تاريخ: 16_03_2020

# محدود محفوظ

دوستو! لامحدود ذات رب سائين جي، ان جو علم بہ لا محدود، ہي ڪائنات جي هر شيءِ محدود آهي، ان لامحدود جي علم جي پرک جي باري ۾ قرآن پاڪ ۾ ان جو محبوب صل الله عليہ وسلم ئي ٻڌائين پيا، دوستو اسان سڀ محدود دنيا جي محدود سوچن جا ماڻهو آهيون، اسان جي سوچ، اسان جو علم ۾ عقل ان محدودي سوچ ۾ قائل آهي، ڇو تہ اسان انسان بشر آهيون، اسان کي محفوظ ٿيڻو آهي محدود ٿي، دنيا جي لامحدود خواهشن جي لامحدود چار ڪان، هوس حرص جي لامحدود پوڄارين ڪان، نقلي ڪيمڪلي خوبصورتي ڪان، محفوظ ٿيڻو آهي محدود ٿي، دوستو محدود ٿيڻو آهي انهن سڀني بدڪارين جي بيمارين ٿيڻ ڪان، تڏهن وڃي اسان سک جو ساهہ کڻنداسين، اڄ اسان جي جسم جي هڪ عضوي هٽ ڪان هڪ انسان کي بہ پيئو آهي، زندگيءَ جي وڃڻ جو ۾ بيمار ٿيڻ جو تڏهن اسان محدود آهيون، پوءِ ڇو نہ اسان انهن سڀني مٿي ذڪر ڪيل ڳالهين ڪان محدود ٿي وڃون تہ ڪيترن ئي نہ بيمارين ڪان ڇٽي پوون، دوستو اڄو تہ ان لامحدود الله پاڪ جي پياري ڪان پياري هستي سان ويجها ٿي وڃون ۾ ڪثرت درود پاڪ صل الله عليہ وسلم جي محنت سان ۾ ائين ئي آهي هميشہ لاءِ هر طرح ڪان محفوظ ٿي وڃون.

تاريخ :16_04_2020



# نعمت جا شڪر گذار آهيون

لطيف سائين.

ڄِياسُون جوڙ ٿي،
جوڳِي لاٿو جارُ،
سَندو پُورَبَ پارُ،
آڇِياڻُون اِيندنِ ڪي.

دوستو مڪ ۾ پهتاسون تہ الله پاڪ جو جلال هيڪڙائي، وحدانيت ڏٺي سون، وري پنهنجين ڪرتوتن ۾ گناهن جو خوف وچان سڄو بدن لرزي اٿيو، خالق حقيقي جي گهر جي اڳيان پاڻ کي گدلو محسوس ڪندي روح رڙيون ڪندي محسوس ٿيو وري جڏهن اڄ محبوب سائين جي شهر ۾ اچڻ جو شرف حاصل ٿيو تہ عجيب پنهنجائپ واري خوشبوءِ ملي، دل باغ وبهار معطر ٿي وئي، وڏا ڪرم احسان ان مالڪ ڪائنات جا جنهن پنهنجي رحمت اسان ڏانهن پنهنجي محبوب جي صورت ۾ اسان لاءِ تحفو ڏنو نہ تہ اسان گنهگارن جو ڇا ٿئي ها، وڏي آٿت ملي، الله پاڪ جي ان نعمت جا شڪر گذار آهيون ۾ پاڻ کي وڏا خوش نصيب ٿا سمجهون جو الله اسان کي امتي ڪيو رحمت العالمين جو الله پاڪ اوهان کي خوش رکي، آمين.

تاريخ: 03-06-2019

# محبتون ونڊيندا رهو

دوستو! الله پاڪ وڏي ڪرم وارو آهي، وري سڀ لايا سجايا ٿي ويندا انشاءالله، الله پاڪ پنهنجي قرآن شريف ۾ چوي پيو اسان کي يقين آهي تہ،

وَأَيُّوبَ إِذْ نَادَىٰ رَبَّهُ أَنِّي مَسَّنِيَ الضُّرُّ وَأَنتَ أَرْحَمُ الرَّاحِمِينَ،

فَاسْتَجَبْنَا لَهُ فَكَشَفْنَا مَا بِهِ مِن ضُرٍّ وَآتَيْنَاهُ أَهْلَهُ وَمِثْلَهُم مَّعَهُمْ رَحْمَةً مِّنْ عِندِنَا وَذِكْرَىٰ لِلْعَابِدِينَ

۽ (اي پيغمبر) ايوب (جي قصي) کي (ياد ڪر) جڏهن پنهنجي پالڻهار کي سڏيائين تہ مون کي ڏُک پهتو آهي ۽ تون (سڀني) کان تمام ٻاجهارو آهين.

پوءِ سندس دُعا قبول ڪئي سو پوءِ جيڪو کيس ڏک پهتو هئس لاٿوسون ۽ سندس گهر وارا کيس (ورائي) ڏناسون ۽ اُنهن جهڙا ساڻن گڏ پنهنجي ٻاجه وٽان (ڏناسون) ۽ (تہ) عبادت ڪندڙن لاءِ يادگيري هجي.

سو دوستو، انهيءَ نيت سان پنهنجي گهرن ۾ محفلون ڪجو جئين هر سال وانگر توهان مون سان گڏ شبِ برات ملهائيندا هئا ۽ ذڪر فڪر ڪندا هئا، وقت جي تقاضا مطابق ائين بهتر ٿيندو، پنهنجي محبوب سائين صل الله عليہ وسلم تي درود پاڪ ڪثرت ڪريو استغفار ۽ نماز نفل نماز تسبيح پڙهجو، الله وري پرين پيارن جا دروازا کولي ڇڏيندو ۽ انشا الله وري محفلون ۽ محبتون ونڊيندا رهنداسين.

تاريخ: 07_04_2020



# وفا بہ ڪا شيءِ آهي

دوستو! اسان جا سفر اسان جا ٿوئر تبليغ سان تعلق جو هڪ جز آهن، يقينن روزمره جي زندگيءَ ۾ ۽ ان جي گهماگهمي ۾ ڪڏهن اسان کان درود پاڪ صلي الله عليہ وسلم جي محنت گهٽجيو وڃي ۽ ڪڏهن خاص ڪري نمازن ۾ سستي ٿيو پوي، ۽ ڪافي نوان دوست بہ گڏ هوندا آهن، پر گڏ سفر ڪرڻ سان صحبت جو اثر چڙهندو ۽ هڪ ٻئي کان سکبو، ڪثرت درود پاڪ صلي الله عليہ وسلم جي عادت بہ پوندي ۽ ان سان گڏوگڏ وقت جي پابندي ۽ نمازن جو لطف بہ وٺبو، باقي ضرور مسڪيني تہ پنهنجي جڳهہ تي آهي، پر ايتري ٿورڙي خرچ ۾، ايڏو سير تفريح ۽ نگاه ڪرم ڪاملين، رهاڻيون سڀ قسمت ۽ زندگيءَ جا کيل آهن، ڪلهہ جن سان گڏ اسان سفر ٿي ڪيا اڄ اهي اسان ۾ ڪونهن، بس تڪليفون ۽ مشڪلاتون پنهنجي جاءِ تي پر وفا بہ ڪا شيءِ آهي، اسان جو ڪنهن تي احسان ناهي، هر ڪنهن جي منزل مقصد آهي، منهنجيون دعائون انهن لاءِ جن وفائن جو دامن نہ ڇڏيو ناتو نڀائڻ ۾، الله پاڪ اوهان جو نگهبان ۽ ناصر.

تاريخ :- 20-08-2019

# ڪنهن جي دل آزاري نہ ڪيو

پيغام قلندريت، دوستو! هيءَ سلسلو اصلاحِ نفس، جو جامع سبق ارپيندڙ روحاني درسگاهہ وارو ڪم ڪندڙ باطني اک سان نظر اچڻ وارو منظر ڏيڻ لاءِ جستجوءِ سفر آهي، يقينن جتي نيڪيءَ جو ڪم هلندڙ هوندو اتي شيطاني قوتون پنهنجي سيني حيلن سان رڪاوٽون آڻيندڙيون، ائين هميشہ ٿيندو رهيو آهي ۽ ٿيندو رهندو اسان کي صبر، استقامت ۽ حوصلي سان فڪر قلندر ۽ حبِ رسول ﷺ جي فقط ڳالهہ ڪرڻ کپي، نہ ئي ڪو دنيا داري کي وچ ۾ آڻي، پنهنجا ذاتي مفاد ڪڻڻ کپن، اهو هڪ الڳ جهان آهي، سو عرض ڪجي ٿو انتهائي احتياط ڪجي، هيءَ نج روحاني جماعت آهي، هن جو مقصد نہ ڪنهن جي دل آزاري ڪرڻ آهي، نہ ئي اهڙين قسم جي اجائين ڳالهين سان هن جماعت جو واسطو آهي.

**هنڌ سائين حسن باغبان** رحہ

(ساماروڪنري)

تاريخ :-20-02-2019



# اخلاق ۽ ڪردار

دوستو! دنيا جي فطرت رهي آهي تہ هر سٺي شيءِ سڀ کي وڻندي آهي، اها چڱي سواري هجي يا سهڻو نهيل گهر هجي، ڪنهن جو خوبصورت چهرو هجي يا لباس دلڪش هجي، يا اندازِ بيان هجي يا مرڪندڙ شخصيت هجي، اهي سڀ شيون دل کي پيائين ٿيون، پر دوستوان کان بہ ڪا وڏيڪ لاپائتي ڪا ڳالهہ آهي تہ اهو اخلاق ۽ ڪردار آهي، جيڪو پنهنجو سبق ۽ درس اٿئو ان کان پري نہ پڇو هڪ ٻئي کي پنهنجي ڪردار سان خريد ڪيو نہ ڪي ان کي پنهنجي سنگت مان ئي پڃائي ڇڏيو اها بہ حقيقت آهي هر لڙي ۾ ڪجهہ مٺڪا زهر جا ڪاڏل هوندا آهن انهن تي ميار ڏيڻ وقت جو زيان ڪرڻ آهي، اهي پنهنجي زهر آلوده ڪرتوتن جي ڪري دنياوي لوڀ لالچ ۾ ايترا اڳتي نڪري ويا هوندا جو انهن ۾ تبديلي ناگزير چئبي، منهنجيون دعائون الله اسان سيني کي امن امان ۾ رکي ان عظيم محنت سان لاڳاپيل رکي. آمين.

تاريخ :-02-04-2019

# تصوف ڇا آهي

دوستو! اسان جنهن روحاني سلسلي سان وابسته آهيون، اهو سلسلو تصوف جو سلسلو آهي، تصوف جي ظاهري وصف هيءَ آهي ته، صوفيائي اڪرامن جي تعليمات تي عمل پيرا رهي مذهب اسلام جي خدمت ڪرڻ.

دوستو، اسان هر قسم جي تنقيد کان پاسو ڪندڙ آهيون ۽ پنهنجي مخصوص دائري ڪار ۾ رهي پنهنجي ظاهر ۽ باطن ۾ لڪل عيبن کي واڪو ڪري ان جي روحاني اصلاح ڪريون جنهن جي لاءِ اسان جون وقتن به وقتن محفلون ٿين پيون، معاشرو ڇا پيو ڪري سڀ خبر هوندي به ان کي تنقيد حوالي سان نه پر پنهنجائپ واري ماحول ۾ نيڪي جي طرف آڻڻو آهي، يقينن ڪم مشڪل ضرور آهي پر ناممڪن ناهي، انهيءَ لاءِ الله پاڻ تي وڏو فضل ڪيو آهي، الله پاڪ اوهان کي پنهنجي حفظ امان ۾ رکي. آمين.

تاريخ :- 08-03-2019

# ڪاميابي جو راز

دوستو! ڪنهن جي ڪاميابي جانچڻي هجي ته ان جي مخالفين ۽ حاسدين کي جانچيو ڇو ته پاڻ ۾ ڪتو ٻلي هوندي به يعني نه ٺهندين به پاڻ ۾ ان ڪاميابيءَ واري جي مدمقابل هڪ ٿي وڃن، ته سمجهو اهو انسان سچو به اٿئو ۽ ڪامياب به اٿئو، جنهن پنهنجي ڪاميابيءَ جي ڪري سان هڪ ٻئي جي مخالفن کي به ڪير ڪنڌ ڪري ڇڏيو يقينن اهو ئي راز آهي جنهن کي وقت جي صوفين اپنايو جهان جي دشمنن کي دوست ٺاهيندا رهيا ۽ پاڻ خوشي سان کلندا رهيا ۽ ائين، چوندا رهيا، مبارڪون هجن، اوهان جي ڪري دنيا ظاهر ڪيو آهي پنهنجو ٻيو روپ، منهنجا ٻچڙا اوهان کي مبارڪون هجن اوهان ڪٿي ورتو ۽ هوڙها هارائي ويا، اوهان دنيا کي ڏيندا رهيا ۽ اوهان جا مخالف دنيا کان پنندا رهيا، الله پاڪ اوهان کي خوش رکي آمين.

تاريخ :-03-04-2019



# خبردار غرور نه ڪجو

دوستو! الحمدلله، الله سائين جا لکين احسان ۽ ڪرم، محبوب ڪريمن جي نظر توجه، وڏا رنگ ڏنا آهن، اسان مسڪين جي هن جماعت کي، اهو ئي سبب آهي جو، اوهان کي ۽ اسان سڀني کي عزتون ملن ٿيون درود پاڪ صلي الله عليه وسلم جي صدقي سان، خبردار متان اسان ۾ غرور نه اچي پهچي، ڪٿي اسين ٻين وانگر پاڻ کي بزرگ ۽ ڪامل نه سمجهي ويهون، اسان صوفي آهيون مطلب عاجزي، صفا هيڻاهين واٽ، هڪ ٻئي جو قدر، نفس ۽ شيطان اسان ۾ هڪ ٻئي لاءِ نفرتون پيدا ڪندو، خبر ناهي ڇا ٿيڻ جا وهم ۽ ڊپ، اهي گمراه ڪندڙ خيالات شيطاني آهن، انهن کان پاڻ کي بچائڻو پوندو ۽ احساس محروميون به، اهي سڀ وسوسا ختم ڪري، فقط نوڪري ڏيو، جنهن لاءِ توهان کي ۽ اسان کي منتخب ڪيو ويو آهي، الله پاڪ اسان ۽ توهان کي پنهنجي حفاظت ۾ رکي. آمين.

تاريخ: 23-04-2019

# روحاني واٽ نہ ڇڏجو

منهنجا درود شريف جي محنت ڪرڻ ۾ ڪرائڻ وارا دوستو يقينن جتي دنيا سڄيءَ ۾ بي سڪوني واري ڪيفيت آهي تہ ان جو اثر ضرور اسان جي ملڪ ۾ اسان جي زندگين تي بي پيو آهي ۾ پوڻ فطري ڳالهہ بہ آهي، پر پاڻ کي هميشہ هڪ سبق حاصل ٿيو آهي الله سائين جي حڪمت ۾ راز انهن جي پويان ڪا وڏي ڀلائي هوندي آهي، دنيا جي ڪمن ڪارين جيئن اسان جي تبليغ ۾ محفلن ميل ميلاپ ۾ وڏيون وٿيون پيون آهن پر اسان کي صبر جو دامن ڪنهن بہ حال ۾ ڇڏڻو ناهي، نہ ئي مايوس ٿيڻ جي ڪا گهرج آهي، اسان ۾ نيڪ صالحين جون دعائون اوهان لاءِ چوبهن ڪلاڪن ۾ خبر ناهي ڪيتري مرتبہ گهريون وڃن ٿيون، انهيءَ جو وڏو ڪارڻ اوهان جو درودن جا تحفا آهن، جيڪي هر وقت بارگاه الاهي مان ٿي ان جي محبوب سائينءَ ﷺ وٽ پهچن ٿا، ڳالهہ سمجهڻ جي آهي، جيڪڏهن ڪو سست ٿي ان محنت کان پري رهي ٿو تہ جيڪڏهن نصيب اٿس تہ اوهان ان کي همٿايو پنهنجي روحاني واٽ نہ ڇڏي، باقي نصيب هر ڪنهن جو پاڻ سان گڏ آهي، الله اسان سڀني تي پنهنجو رحم ڪري، آمين.

تاريخ: 05_06_2020



# سڀ خير ٿي ويندو

دوستو! هي وقت تني ٿڌي ڪاهڻ جو آهي يعني ڪامياب تجربي ڪار هٿيار ڪثرت درود پاڪ صل الله عليہ وسلم جي محنت جو هٿيار استعمال ڪرڻ کپي ، حضرت علامہ جلال الدين سيوطي قدس سره فرمائين ٿا :اي منهنجا عزيزو جيڪڏهن اعمال ۾ ڪا ڪوتاهي ٿي وڃي تہ سرور دو عالم صلي الله عليہ وسلم جي حمايت حاصل هجي تہ سڀ نفعيدار ٿي وڃن ٿا، اعمال صالح ڀلي ڪيترا چو نہ هجن، پاڻ محبوبن صل الله عليہ وسلم جي نظر شفقت ضروري آهي. (افضل الصلوات صفحو 31). بس منهنجا پيارا دوستو ۾ پيارا لڳي وڃو درود پاڪ جي محنت سان انشاءالله سڀ خير ٿيندو، اوهان کي نہ ڪو فاقو ايندو نہ ئي ڪا وبائي مرض بس دل جان سان توبهہ تائب ٿيو نماز قائم ڪريو اوهان لاءِ گرينٽي ڪارڊ، انشاءالله طفيلي منهنجي محبوب سائين ۽ان جي ٻچڙن جي صدقي ۾ انهن جي عظيم قرباني جي واسطي، آئون لکي وڏيڪ نٿو سگهان دل برداشت نٿي ڪري سگهي نظر عنايت.

تاريخ: 31_03_2020

# مايوس نہ ٿيو

دوستو! مايوس ٿيڻو ناهي ڪميون پيشيون برداشت ڪرڻيون پونديون، جيڪا درود پاڪ جي محنت جي هن وقت ضرورت آهي، هيءُ وقت اسان جو ڪچهرين ۽ ڪل پوڳ چرچن ۾ گذري ٿو اسان ڪي ذهن ۾ ويهارڻ گهرجي اسان جو سلسلو ۽ ان جو مقصد درود پاڪ جي ڪثرت سان آهي، نيڪ آهي هي اسان ڪي ظاهري ميل ميلاپ ڪان روڪي ٿو توهان محسوس ڪري سگهو ٿا آئون ڪيترو نہ توهان ۽ توهان جي ٻچڙن لاءِ دعائون گهري رهيو آهيان ان مالڪ سائين ڪي سندس محبوب ۽ ان جي ٻچڙن جي قرباني جي صدقي سان الله سائين اسان تي ٻاجه فرمائي انشاءالله وڏو رحم ٿيندو ۽ نظر اچي پيو پر اسان درود پاڪ جي محنت ۽ استغفار جي ڪثرت نماز قائم ڪرڻ لاءِ ڪوششون وٺون ۽ منهنجا هي پيغام رڳو شيرخان جو ذمو آهي بہ صحيح نيڪ آهي، الله پاڪ ان تي اها عنايت ڪئي آهي، پر اوهان پنهنجي سيني دوستن سان رابطي ۾ اچو اسان جون اکيون محبوب جي گنبذ خضرا ۾ ڪپيل هجن الله پاڻ سيني جو نگهبان حامي ۽ ناصر.

تاريخ: 04_04_2020



# هيءُ محنت جو وقت آهي

1دوستو! ڏسو هي وقت ڪثرت درود پاڪ صل الله عليہ وسلم جي محنت جو آهي، عرض ڪندس تہ سڀ دوست هر هڪ پنهنجي سر اڪيلو سوا لک درود پاڪ اڄ کان ڪيڏي ۽ ائين پنج تسبيحون روزانو آيتہ ڪريما جون ڪيڏي من رحم ٿئي اسان جي حال تي سواءِ دعا ۽ احتياط جي ڪو حل ناهي پاڻ ڪريمن صل الله عليہ وسلم فرمايو آهي تہ.

عَنِ ابْنِ عَبَّاسٍ رَضِيَ اللّٰهُ تعالىٰ عَنْهُما قَالَ: قَالَ رَسُولُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ:

نِعْمَتَانِ مَغْبُونٌ فِيهِمَا كَثِيرٌ مِنَ النَّاسِ: الصِّحَّةُ وَالْفَرَاغُ . رَوَاهُ الْبُخَارِيُّ

حضرت ابن عباس رضہ روايت ڪن ٿا تہ. رسول الله صلي الله عليہ وسلم فرمايو بہ نعمتون اهڙيون آهن، جن جي لاءِ گهڻا ماڻهو خساري ۾ آهن، صحت ۽ فراغت.

مشڪوات المصابيح حديث نمبر 5155، صحيح بخاري حديث نمبر 6412،

بس سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو مالڪ کي راضي ڪرڻ کا سواءِ ڪا واه ناهي، اها واٽ ڪامياب واٽ آهي ڪثرت درود ۽ استغفار جي ڪثرت.

تاريخ: 13_04_2020

# ڏکيا ڏينهن گذري ويندا

جيئن ڪجهه وڻ جيون ٽاريون هوا جا جهوڪا برداشت نہ ڪري نمي پون ٽيون، جهوڪا معنيٰ دنيا جون تتيون ٿڌيون، مطلب ڏک درد صحيح نہ ڪري، گرد غبار مٿي جو وزن نہ ڪٽي سگهڻ، وري ميون جو بار، يعني سنيون ڳالهيون سنا ڪم، انهن تي طعنا ٽنڪا ملڻ دل برداشت ٿي پوڻ، يا وري ان تي تڪڙ غرور جو اچي وڃڻ، مطلب تہ نيڪي ۽ بدي جي ڪري ڪمزور ٿيڻ جي نشاني ان ۾ حرص هوس سڀ اچي وڃن ٿا، نالو يعني جيڪو ٿڙ آهي اهو هڪ استاد ۽ مرشد کان وٺي الله تائين رسائي جو ذريعو آهي، جيڪڏهن ان ٿڙ يعني وڻ سان اهي ٽاريون ويجهيون رهن ها ۽ ان ٿڙ يعني ان مالڪ جو ذڪر ۽ درود پاڪ جي محنت سان لڳيون رهن ها، تہ ان صحبت ۾ انهن تي اهو ڏکيو ڏينهن جي نوبت نہ اچي، ڪي ٽاريون ان ڪري ٽٽي ٽيون پون، جيڪي ڪجهه پري ٿي پيون، ويجهين ڪي وري پيي وڻ لڏجڻ جي باوجو پنهنجي ڇاتي سان لڳائي رکيون، هوا ۽ جهوڪن وارا ڏينهن گذري ويا.

تاريخ: 14_04_2020



# توبهن ڪانسوءِ ڪو رستو ڪونهي

دوستو! اوهان سڀني دوستن کي شب معراج جون لک لک مبارڪون هجن، جيترو ٿي سگهي ڪثرت درود پاڪ صل الله عليہ وسلم ۽ استغفار جي ڪثرت ڪريو ان سان گڏوگڏ نوافل پڙهي الله پاڪ کي راضي ڪجي، ڏسو دوست سمجهڻ جي ڳالهہ آهي، يا تہ زماني جي ڪم ظرفي چئجي، يا عذاب الاهي ڪونجي يا وري اسان انسان پنهنجي ڪروتن ۽ اعمالن کي ڏوهي قرار ڏيو پر سڀ لقب تمغا پنهنجي جاءِ تي صحيح آهن، ڪيڏو نہ المناڪ منظر آهي، عبادتن جي رات الله پاڪ اسان کان عبادت جون جڳهون کسي ورتيون، الله پاڪ پنهنجي گهر خانہ ڪعبہ جي مدينہ منوره کان وٺي سڀ مسجدن ۾ پنهنجي پيارن جي آماده گاه جتي اسان گنهگار بخششون ڪرائڻ ويندا هئاسين، اڄ اتي نٿا وڃي سگهون، اسان کي سوچڻ گهرجي اڄوڪي رات احتساب ڪرڻ گهرجي پنهنجي ذات کان، بس شل راڄو راضي ٿئي سندس راز اسان ڇا ڄاڻون، فقط توبہ ڪانسواءِ ڪو چارو ڪونهي توصل درود پاڪ جي محنت سان انشا الله سڀ خير ٿيندو.

تاريخ: 22_03_2020

# پرم کي قائم رکو

دوستو! سائين پٺائيءَ جا ناياب الفاظ آهن ته،

"لوئي لڄ مران"

لوئي، ٿر ۾ علامت سمجهي وڃي ٿي عزت ۽ احترام جي، چادر ۽ ڪپڙو پيي عام ليکي ڇئي سگهجي ٿو اصل ڳاله ڪرڻ جو مقصد اهو سمجهائڻ آهي ته، هڪ عورت جي زبان سان شاه صاحب ٻڌائي پيو ته، مونکي جيڪا عزت ۽ احترام واري لوئي يعني چادر ڪپڙو جيڪو منهنجي مائٽن، مائٽن مان هڪ وڏي جي حيثيت ۾، اهو استاد، مرشد اجان وڏيڪ پنهنجو محبوب ڪنهن پيي روپ ۾ هجي جيڪو تحفو ڏنو آهي، ان 'لڄ' مطلب ته ان جو پرم جي ڇڏيان ته پنهنجو موت سمجهان، ان کي سنڀالڻ منهنجي فطرت ۾ شامل ٿي ويو آهي، دوستو ڏسو ڪيترو نه مقرحم ۽ محترم آهي اهو تحفو يعني ڍڪ آهي، ان ۾ پناه آهي، اسان ڪيئن ٿا ان جو تقدس پائمال ڪري سگهون، بس دوستو ان تحفي ڪثرت درود پاڪ صلي الله عليہ وسلم جي محنت جو قدر ڪرڻ سکو ٿورڙي ڳالهہ تي وساري نہ ويهو الله پاڪ اوهان کي پنهنجي حفظ امان ۾ رکندو انشاء الله.

تاريخ: 10-09-2019



# هيءَ وبا بہ هاڻي ختم ٿي ويندي

منهنجا انتهائي پيارا دوستوءِ پائرو! ڪنهن پيي قسم جي گهبراهٽ يا پريشان ٿيڻ جي ڪا پيي ضرورت ناهي، هميشہ وانگر دنيا جا طوفان پاڻ جي ويجهو اچي ختم ٿي ويندا آهن، انهيءَ جو وڏي ۾ وڏو ڪارڻ ڪثرت درود پاڪ صل الله عليہ وسلم جي محنت آهي، اهڙي ريت هي پيي وبائي مرض جيڪو سڄي جهان لاءِ آزار بڻجي آيو آهي، پاڻ بہ ان دنيا جا باشندا آهيون، بقول بابا سائين جي ٿورڙي گرمائش تہ لڳڻي آهي اها لازمي ناهي جو اسان کي اها وبا ٺڄ ڪري مطلب تہ معاشرتي ڪنهن پيي طريقي سان، فقط گذارشون منهنجيون توهان وٽ پهچن پيون، ان تي عمل ڪريو، حڪومتي عملدارن جو چوڻ فالو ڪرڻ ۾ بهتري اٿئو، ڪنهن پيي غير سائنسي نسخن ڪان پري، فقط پنهنجون روحاني ڊيوٽيون سرانجام ڏيندا رهو، اعتبار ڪريو فقط هڪ خواب هو خاص ڪري درود پاڪ جي محنت ڪرڻ وارن لاءِ بس گذري ويو، آئون هر طرح با خبر آهيان، پنهنجي نوڪري جي سلسلي ۾، الله پاڪ اسان سڀني کي پنهنجي حفظ امان ۾ رکندو انشاءالله.

تاريخ: 23_03_2020

# جوان مرديءَ جي واٽ

دوستو! ڏسو شاه سائين جو فلسفو آهي ته،

ڪَمرَ بَستا ڪاپَڙِي، سامي سَپيئي،
هِڪڙا ٻِيَن کي، هَلِيا ڏَسُ ڏيئِي،
سِڱِڙِيُون سيئي، وَڃائي واٽَ ٿِيا.

ڪمر يعني ڇيلهہ تي سندرو ٻڌ جيئن ملهہ جي موقعي تي ملهہ پهلوان ٻڌندو آهي، مسلسل هلڻ واري کي سامي چيو وڃي ٿو جيڪو هر

وقت سفر ۾ رهي ٿو امن ۽ محبتن جو سفير ٿي، وري پنهنجن هم سفر وارن کي آٿت پيو ڏئي ٿو هي چوندو ٿو وڃي، نفس جي واٽ ڇڏ ساٿي، قرب ۽ فنا جي رستي تي هل ان جو مزو ئي پنهنجو آهي، دوستو پاڻ ۽ پنهنجن دوستن کي همٿائڻ ئي جوانمردي آهي، هي وقت دنيا جي آزمائشن کي منهن ڏئي اڳتي وڌڻ جو آهي ان ورد سان جيڪو اسان جو هم سفر آهي، اهو آهي درود پاڪ جي محنت جو انمول تحفو.

تاريخ: 19-09-2019

## صبر سڀ علاج آهي

دوستو! اسان کي ڪاوڙ جي ڪيمسٽري سمجهڻي پوندي، پنهنجي ڪاوڙ منجهان اسان جي پرسنلٽي ظاهر ٿئي ٿي، 16 قسم جا شيطاني ڪيميڪلز آهن جيڪي اسان کي جذباتي ناهين ٿا، اسان جو موڊ آف ڪن ٿا، مان ۽ آئون جو لوڻ اسان جڏهن گهٽو ڪائون ٿا، تہ اسان جي ننڊ سڪون غفلت ۾ تبديل ٿي وڃي ٿي، پوءِ اسان خالي پيٽ ٻاهر نڪرون ٿا، يعني بغير روحاني خوراڪ جي، پوءِ اسان هر ڳالهہ تي ري ايڪشن ڪريون ٿا، پوءِ اسان جي جسم ۾ نفرت ۽ ٻيون خوامخواہ شيون تيار ٿين ٿيون، اسان پاڻ کي حق تي ۽ ٻين کي غلط ثابت ڪيون ٿا ۽ نقصان اسان جي شخصيت تي پوي ٿو دوستو پاڻ فقير ماڻهو آهيون، بس صبر جو جهان آهي، صبر ئي علاج آهي، بس پنهنجي محنت ڪريو ڪنهن سان ڇيڙ ڇاڙ نہ ڪريو الله پاڪ اوهان کي خوش رکي آمين.

تاريخ: 22-05-2019



## عجيب واقعو

دوستو! الله جي نيڪ صالحين ٻانهن جون انيڪ ڪرامتون تاريخ جي ورقن ۾ درج ٿيل آهن، جيڪي توهان پڙهيون ۽ ٻڌيون هونديون، اج توهان کي ٻڌائيندو هلان تہ ٽر ڪوٽل ڊيم ٺهڻ جي دوران هڪ عجيب واقعو پيش آيو جڏهن ڊيم جي ايريا ۾ موجود ٻن مزارن کي ڍاهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي تہ اها مشينري جيڪا ڍاهڻ لاءِ استعمال ڪئي پي وئي اها ناڪارا ٿي پئي، جنهن ڪانپوءِ وڏيڪ طاقتور مشينري گهرائي انهن مزارن کي هڪ دفعو ٻيهر ڍاهڻ جي ڪوشش ڪئي وئي تہ اها مشينري بہ ناڪارا ٿي پئي، بعد ۾ انهن مزارن جي جڳهہ کي ساڳي حالت ۾ ڇڏيو ويو ٻڌايو وڃي ٿو تہ اهي ٻن اصحابِ اڪرامن جو مزارون آهن، سو ڇئي سگهجي ٿو تہ اُهي مزارون ڇڻ ڪاملين جون آهن ۽ اهي مزارون اج ڏينهن تائين پنهنجي اصلي حالت ۾ موجود آهن.

تاريخ :-15-09-2019

## منافقت کان بچو

دوستو! الله سائين کان گهرڻ ۽ بخشائڻ جا بہ ڪجهہ سورس آهن، ڪي رستا ۽ واٽون آهن، ان مان بهتر ۽ قابلِ قبول ڪو رستو آهي تہ اهو درود پاڪ صلي الله عليہ وسلم جي محنت جو رستو آهي، دوستو هڪ رستو آهي رحمتِ حصول يعني رحمت کي حاصل ڪرڻ ۽ ٻيو رحمت ڏانهن منتقل ٿيڻ ۽ رحمت کي پاڻ ڏانهن متوجہ ڪرائڻ، دوستو سچ پچ تہ ان کي ئي درود پاڪ صلي الله عليہ وسلم چيو ٿو وڃي، سلسلي قلندريت ۾ درود پاڪ پڙهڻ واري کي وڏو مقام عطا ٿئي ٿو پر منافق وري پيو منافق رهي ٿو چاڪاڻ تہ ان دنيا کي ميڙڻ لاءِ هڪ ڊونگ رچايو

آهي، اهڙن عنصرن کان پنهنجو پاند بچايو جنهن کي معرفت ۽ حقيقت جي ڄاڻ نہ هجي فقط من گهڙت ڪهاڻيون ۽ هٿ ٺوڪيل روايتون ۽ پنهنجي پيٽ جي پورائي، اسان جو انهن سان ڪو به پلو پاند ڪانهي، اسان پر امن ۽ عملي ڪردار ۽ اخلاق قدرن جي پرک ڪرڻ وارن مان هئڻ گهرجون.

تاريخ: 20-09-2019

# دعوائون نہ ڪيو عمل ڪيو

دوستو! دوستيءَ جون دعوائون تہ سڀ ڪو ڪري سگهي ٿو، جهل پل نٿي ڪري سگهجي، عاشق سڏائڻ آسان ڏنڌو آهي، پر شاهه صاحب ڇا پيو چوي،

جِنَهِين ڳولهيو جيءَ سي ئي سوڀارا ٿيا،
"وَنَحنَ اَقرِبُ" ويجهڙو آندرِ اشاروِ ايءَ،
پاڻ منهنجئي پيءَ،
ماڻيائون مُحبُ ڇئي.

جند جان سان ان محب کي ڳولهہ، يقينن سوڀارو ٿيندين، تمام تنهنجي ويجهو آهي، باقي وقتي طور وڏي فقيرن وارو ڍونگ ڪندين، تہ ڍونگ ٿي پلي پوندنئي، ڇڏ ڊرامائي حرڪتون، تلاش ڪري تہ ڏس، دوستو، سچ پچ هيءَ رشتو توهان کي سمجهائي ٿو تہ توهان ان عظيم هستيءَ سان دل لڳائي ڇڏيو ڪثرت درود پاڪ صلي الله عليہ وسلم جي محنت کي لڳي پئو.

تاريخ: 05-09-2019



# هيءُ آزمائش جو وقت آهي

دوستو! هر پيغمبر جي امت تي، انهن تي الله پاڪ جي حڪمن جي خلاف ورزي تي وقتن بہ وقتن عذاب الاهي مختلف صورتن ۾ نازل ٿيندا رهيا آهن، پر محبوبن ڪريمن صل الله عليہ وسلم جي امت تي عذاب نہ ايندو ڇو تہ پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وسلم رحمت العالمين ٿي آيا آهن، پر آزمائش اچي سگهي ٿي، اسان سڀ هن وقت جا انسان ان آزمائش مان گذري رهيا آهيون، سڄي دنيا محبوب جي امت ۾ شمار ٿئي ٿي، ايمان ڪنهن آندو ڪنهن نہ آندو ان جو ازالو ۽ گناهن جي سزا جزا ان لاءِ تہ حساب ڪتاب جو ڏينهن مقرر ٿيل آهي، پاڻ ڪريم آهن سندس پاسو ونجي، درود شريف جي محنت سان ڇوٽڪارو حاصل ڪجي، هن وقت جي آزمائش کان، ڇو تہ رب ڪائنات, پنهنجي محبوب سائين جي وسيلي سندس امت تي رحم ڪندو انشاءالله، سائينم سدائين ڪرين مٿي سنڌ سڪار دوست مٺا دلدار عالم سڀ آباد ڪرين.

تاريخ: 21_03_2020

# سڀ نيڪ ٿي ويندو

ماشاءالله پٽ مون عراق کان واپسيءَ تي سيني دوستن کي انفارميشن ڏني ڇڏي هئي تہ وقت تمام خطرناڪ آهي ڇو تہ سائين امام حسين عليہ السلام جي پيغام ۾ بہ اهو ذڪر هو تہ جلدي اچو پوءِ شايد موقعو نہ ملي، ورجايو هو واپسيءَ تي هر شهر پاڙي ڳوٺ ۾ ڪوشش ڪريو هڪ دوست گهٽ ۾گهٽ درود پاڪ جي محنت ڪرڻ وارو هجي، اڄ بہ مون کي ايڏو يقين ڪامل آهي زندگي ۽ موت تہ مالڪ جي امانت

آهي باقي گهٽڻ کان سولا آهيون نہ تہ ڪو خوف ۽ دهشت غم آهي، باقي ٻيو وقت ڪٽيو ٿو وڃي اسان جي درود پڙهڻ جو شوق ختم نٿو ٿئي، ٽائيم جي ڪا خبر ئي نٿي پوي وڏي وندر لڳي پئي آهي، سو انشاءالله، الله پاڪ جي فضل ڪرم سان سڀ ڪجهہ ٺيڪ ٿي ويندو سڀني کي محبوبن جي پياڪرن ۾ رحمت ۾ پناهہ نصيب ٿيندي، ڪرونا جو موت ڪنهن دشمن کي بہ نہ اچي نہ ڪفن نہ دفن، الله پنهنجي محبوب جي صدقي اسان جي گناهن تي پردو وجهي معاف فرمائي، آمين.

تاريخ: 27-03-2020

# درود پاڪ جي محنت جاري رکو

دوستو! اسان صوفي ماڻهو آهيون، اسان الله پاڪ تي وڏو توڪل رکندڙ آهيون ۽ يقينن ان جي محبوب صل الله عليہ وسلم سان حد درجي جو عشق ۽ عقيدت قائم رکڻ جي ڪوشش ۾ ڏينهن رات مگن آهيون، اسان ڪنهن ٻي طرح پنهنجي روحاني ڊيوٽين ۽ درود پاڪ جي محنت کي گهٽ نٿا ڪري سگهون، مگر اسان انسانيت جا خير خواهہ پڻ آهيون ۽ اهڙي طرح ملڪي قانون کي احترام سان ڏسندا پڻ آهيون، نہ ئي ڪو خوفزده آهيون، سڀ ڪجه الله پاڪ جي هٿ ۾ آهي، پوءِ پڻ اسان کي دنيا جي قانون ۽ قائدن سان گڏ هلڻو آهي، انهيءَ لاءِ دوستو درود پاڪ جي محنت وڌ کان وڌ ڪريو، درود ۾ ڪا پڻ ڪمي نہ اچي وڃي، فقط احتياطن وڏيڪ هجومن کان پاسو ڪرڻ گهرجي، الله پاڪ اوهان کي هر وقت مشڪل کان محفوظ رکندو انشاء الله، اهو ئي اسان جو نگهبان ۽ حامي ناصر آهي.

تاريخ: 14-03-2020



# ڏک، نسلن جي سونهن

منهنجا ساٿيو، ڏک، سکن جي سونهن آهن، ڏکن پويان سکن جو لطف ائين هوندو آهي جئين روزيدار لاءِ افطاري، عظيم ماڻهو ڏک سور مٿان حاوي ٿي ويندا آهن، پوءِ دنيا وارا انهن جي پويان هلندا آهن، دوستو سچ پچ هي رشتو توهان کي سمجهائي ٿو تہ توهان کي چپ چاپ ڪم ڪرڻو پوندو، هميشہ ائين ٿيندو رهندو آهي پنهنجا ئي پنهنجن جا حسدي ٿيندا آهن، ڪنهن کي عزت راس نہ ايندي آهي تہ ڪنهن کي وري پريشاني ونندي آهي، تہ ٻيو دوست مون کان مٿان وڌي نہ وڃي، پوءِ هو وري روحانيت کان هٽي سياست ڪرڻ شروع ڪندو آهي، اتان ئي شيطان جي ور چڙهي ويندو آهي، هر ڳالهہ ۾ پاڻ کي صحيح ۽ ٻئي کي غلط ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ۾ هوندو آهي، دوستو بس صبر سان ڪم ڪندا رهو.

تاريخ: 10-06-2019

# اسان جو نعرو

دوستو! سمجھون ٿا، پلائيءَ جي ڪم ۾ رڪاوٽون ايندیون آهن يا معاشري وارا اهڙيون مهربانيون ڪندا آهن، برائي جي رستي تي ڪير پي روڪ ٽوڪ ناهي ڪندو پر اتي پي ڪجھ منتخب بندا جنهن کي پلائيءَ عام ڪرڻ لاءِ ڪم سونپيا ٿا وڃن اهي ڪن ٿا، سڀ رڪاوٽون ٺوڙي پي صبر ۽ برداشت سان اڳتي وڌن ٿا، دوستو اسان جو ڪم پي اهڙو ئي آهي، حسينيت صبر ۽ شڪر جو نالو آهي ۽ يزيديت انا خد غرضي جي علامت آهي، ضد انا جو روپ آهي، هو بدڪاري ڦهلائيندڙ سڀ گڏ ٿي وڃن ٿا فقط هڪ ضد ۽ انا خاطر اتي وري صبر وارا ڪلندي گذري ٿا وڃن، ڪثرت درود پاڪ صلي الله عليہ وسلم جي محنت اسان جو نعرو آهي، اسان جڳ وارن کي پيرين پي پونداسون اسان جي محبوب تي درود پاڪ پڙهو الله پاڪ اوهان جو نگهبان ۽ حامي ناصر.

تاريخ: 06-09-2019



# عشق جو اظهار

دوستو! عاشقن جو فڪر ۽ انهن جي شاعري ۽ انهن جي لفظي محبت جو انداز سمجھڻ کان مٿي آهي، علم وارو انسان ضرور منجهي پوي ٿو.

کعبہ من، قبلہ من،

روي تو سجده گاه عاشقان ابروي تو.

ترجمو:- اوهان جو رخ انور اي محبوب، منهنجو قبلو منهنجو ڪعبو اوهان جا زلف عاشقن لاءِ سجده گاه آهين، (امير خسرو).

اسان وري پنهنجي روحانيت کي وڌائڻ ۽ ان کي وڌيڪ رنگين ڪرڻ لاءِ درود پاڪ صلي الله عليہ وسلم جي محنت ڪثرت سان ڪرڻ جو چئون ٿا، ان ۾ سڄي محبت جو اظهار ٿي ٿو وڃي، شرعي ظاهري توڙي حقيقي ۽ باطني.

تاريخ: 21-09-2019

# گناهن جو ڪفارو

محبوب ڪريمن صلي الله عليہ وسلم فرمايو تہ مسلمان جڏهن بہ ڪنهن پريشاني، بيماري، رنج وملال، تڪليف ۽ غم ۾ مبتلا ٿي وڃي ٿو ايستائين ان کي ڪو ڪنڊو پيي لڳي پوي، الله تعاليٰ انهن جي گناهن جو ڪفارو ٺاهي ڇڏي ٿو. (صحيح بخاري 5642).

دوستو اندازو ڪريو اوهان جنهن تي درود پاڪ صلي الله عليہ وسلم پڙهو ٿا اهو ڪيڏو نہ اوهان تي مهربان آهي جو ان جي صدقي سان ان جو رب پاڪ ڪيئن ٿو پنهنجي محبوب جي صدقي اسان تي ڪرم پيو ڪري، ڇا ايڏي مهرباني هوندي اسان کي لاغرض ٿيڻ گهرجي، ڇونہ اسان پنهنجيون زندگيون ان جي نانءُ ڪري ڇڏيون ۽ درود پاڪ صلي الله عليہ وسلم جي محنت ڪريون ۽ ڪرايون، الله پاڪ اسان کي ٻنهي جهانن ۾ مالامال ڪندو انشاء الله.

تاريخ: 23-09-2019



# دائمي عزت ۽ وقار

دوستو! بي فرض ڪنهن دوست جي پئسن سان رات جو ڊئو ڪري ماني کائي ونجي، پر صبح جو بک لڳندي ڇو تہ اهو فطري عمل آهي، جيڪڏهن اوهان شرارت سان منصوبابندي تحت پنهنجي حرام جي ڪمائي سان عزت ۽ وقار ورتو تہ ان دوست جي ماني مثل هوندو، جنهن لاءِ وري سجاڳيءَ جي وقت ضرورت پوندي، ڇو نہ پاڻ اهڙو عمل ڪريون جنهن سان دائمي عزت ۽ وقار ملي، دوستو اهو فقط اوهان پنهنجي ڪردار سچائي ۽ استقامت حقيقت سان ئي وٺي سگهو ٿا، دوستو اوهان زماني وارن جي فضول ڳالهين ۾ وقت صرف ڪرڻ بدران پنهنجي مليل سبقن کي ذهن نشين ڪريو، اهو سبق اسان جو ڪثرت درود پاڪ صلي الله عليہ وسلم جي محنت آهي، جنهن ۾ عشق لڪل آهي ان هستيءَ جو جيڪو سراسر وفا ئي وفا آهي، الله پاڪ اوهان کي ڪاميابي عطا ڪندو انشاء الله پٽ.

تاريخ :-24-09-2019

# خواهشون قربان ڪريو

دوستو! ڳالهہ ڪي بار بار ورجائڻ، طعنا ۽ ٽنڪا ڏيڻ، پنهنجا احسان جيتائڻ، پنهنجي تعريف وارن کي ويجهو ڪرڻ، انا ۽ ضد تي قائم رهڻ، ٿوريون ڳالهيون ٻڌي ڪاوڙ ڏيکارڻ، خوابن ۽ خيالن ۾ رهڻ، اهو ڪم صوفين جي ابتڙ آهي، دوستو! ان ڪان بچو، پنهنجي اڪيلائيءَ کي اوهان پاڪ ٿاهيو، جيڪڏهن ٿڳي ڪرڻ جا گر هلائيو پيا توڪل ۽ يقين نٿا رکو، اندر ۽ ٻاهر هڪ جهڙو نٿا رکو تہ پڪ ڄاڻو پنڌ پري آهي، درود پاڪ صلي الله عليہ وسلم جي محنت جو فقط ثواب ملندو، روحاني راز جا راڻا صفائي پسند ڪن ٿا، توهان جي ظاهر پرستيءَ نہ، دوستو هن فڪر کي سمجهو، دوستن کي دل ۾ جايون ڏيو، هوڏ ڇڏيو، پنهنجيون خواهشون قربان ڪري، ٻين جيون دليون خريد ڪرڻ جو فن سکو.

تاريخ :-09-07-2019



# عقل جي ڳالهہ

دوستو! ڪڏهن چريا چريائي ۾ اهڙي عقل واري ڳالهہ ڪري ڇڏيندا آهن جو اُها ڳالهہ ڪنهن ڏاهي دانشور کي اڪيلائي ۾ سوچڻ تي مجبور ڪري ڇڏيندي آهي، هو سوچڻ ويهي رهندو آهي تہ هيءُ چريو ڇا چئي ويو، اصل ۾ چريئي شڪل واري جي صورت جي دوکي ۾ ۽ ڏاهو پنهنجي ڏاهپ جي انا ۾ ان راز تائين نہ پهچي سگهيو تہ هي چريو چئي ڇا ويو، جيڪڏهن هو ان جي ظاهري جسامت کان هٽي ڪري ان جي گفتگو کي ڏسي تہ هو ڪجهہ حاصل ڪري وٺي، تاريخ گواه آهي تہ ديواني بهلول ۽ وتايو فقير چريائي ۾ وڏا راز چيا آهن، انهن پاڻ کي معاشري ۾ لڪائي رکيو ڪنهن جي ڪارڻ، حق گوئي ٻڌائڻ خاطر، ائين دوستو روحانيت روح سان لاڳاپيل ڪو مواد يا نقشو آهي، ان اڻ دليل کي دليل سان ثابت ڪرڻ جو راز، تمام اونهائين سان سکڻ جي ضرورت آهي.

تاريخ: 30-07-2019

# درود پاڪ وڏو وسيلو آهي

دوستو! بابا سائين هميشہ ڪشڪول قلندري (ڪتاب) جي باري ۾ فرمائيندا هئا، جيڪو اڍائي قلندرن جي نالي سان منسوب ڪيو ويو آهي، درود پاڪ صلي الله عليہ وسلم جي محنت جي ضرورت جي باري ۾ ڪافي روايتون درج ٿيل آهن، خاص ڪري غربت ۽ تنگي معاش جي لاءِ درود شريف اڪسير آهي، اسان جي دوستن جي حوالي سان آزمائيل نسخو ڪيميائي آهي، درود پاڪ صلي الله عليہ وسلم هر وقت ۽ هر پاڪ جڳهہ تي پڙهي سگهجي ٿو پر جيڪڏهن وضو ڪري پڙهجي جنهن لاءِ اسان کي بابا سائينءَ احمد علي قريشي رح زور ڏيندو رهيو آهي، هر خواهش جي تڪميل لاءِ درود پاڪ صلي الله عليہ وسلم جي وسيلي الله پاڪ کان دعا گهري وڃي.

تاريخ: 23-07-2019



# هيءَ عشق جي راهہ آهي

دوستو! اسان جون محفلون ائين نہ آهن، جو اچون ۽ فوٽو اپلوڊ ڪري روانا ٿي وڃون، آخر اِهو اسان ڪنهن کي پڌائڻ چاهيون پيا، منهنجا دوستو محفل ڪثرت درود پاڪ صلي الله عليہ وسلم دسترخوان رسول الله صلي الله عليہ وسلم آهي ۽ ان سان نسبت آهي، تقريرون ۽ واعظ ليڪچر علمي عمل آهي، درود پاڪ پڙهڻ عشق رسول الله صلي الله عليہ وسلم آهي، ڪجهہ سوچيو ۽ عملي ڪم ڪيو، پنهنجي محدود دوستين ۽ واسطن جي خول مان ٻاهر نڪري نسبتن وارن سان ناتا نڀايو، قرباني ڏيو پنهنجي انا ۽ خد غرضيءَ جي، الله پاڪ اوهان کي پنهنجي حفظ امان ۾ رکندو ۽ ثابت قدم پڻ.

تاريخ :۔19۔08۔2019

# زندگيءَ جي تبديلي

دوستو! اسان هميشہ دعوت ڏيندا اچون پيا، هر هنڌ چئون ٿا، توهان ڪهڙي بہ شعبي ۾ آهيو گناهگار سڀ آهيون، اوهان کي رشوت جي عادت پئجي چڪي آهي، وياج جو مرض لڳي ويو آهي، منشيات جا عادي ٿي ويا آهيو معاشرتي برايون گهر ڪري ويون آهن توهان ۾ آرام سڪون ختم ٿي چڪو آهي، سڀ فرضي ارڪان ڇٽي ويا آهن، پوءِ بہ اسان چئون ٿا تہ اسان جو الله غفور رحيم آهي، سندس محبوب خاتم انبياء صل الله عليہ وسلم سراپا رحمت آهي، اچو وري ان طرف پلٽون، فقط هڪ مرتبہ ئي صحيح درود پاڪ صلي الله عليہ وسلم جي محنت ڪري تہ ڏسجي، ڪيئن ٿا گناهن جا ڪٽ لهن، ڪيئن ٿي زندگيءَ تبديل ٿئي.

تاريخ: 17-08-2019

# احتياط لازمي آهي

دوستو! پاڻ ڪريمن صلي الله عليہ وسلم جو فرمان آهي تہ
”الْمُسْلِمُ مَنْ سَلِمَ الْمُسْلِمُونَ مِنْ لِسَانِهِ وَيَدِهِ“ (صحيح بخاري حديث 10)
مسلمان اهو آهي جنهن جي هٿ پير کان ڪنهن کي ڀي ايذاءُ نہ پهچي، پوءِ پلا پاڻ تہ هونءَ بہ ان تعليمات تي عمل ڪرڻ جي ڳالهہ ٿا ڪريون هر وقت ۽ هر هنڌ تي، هاڻي چو نہ جڏهن اسان کي وقت جا حڪمران احتياط ڪرڻ جو چون پيا تہ اسان کي پنهنجي ۽ پنهنجي ڀين ڀائرن جي زندگيءَ جي اهميت کي جاچڻ گهرجي، هر هڪ تي قانون عائد ٿو ٿئي ان حالتن جي پٽاندڙ اڪيلائي ۾ رب پاڪ کي ياد ڪجي.

تاريخ: 20-03-2020

# محنت نہ ڇڏجو

دوستو! اسان پنهنجي ان پوائنٽ تي آهيون، جيڪا عشق مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم جي دائري ۾ اچي ٿي، اها ئي اسان کي جذبو ڏياري ٿي تہ ”تتي ٿڌي ڪاه ڪانهي ويل ويهڻ جي“ اهو اهڙو تہ جنون آهي جنهن اسان کي مست ڪري ڇڏيو آهي، يقينن منهنجا ساٿيو هيءَ وقت ٺڳين جو وقت آهي، ٺڳن جا روپ اوهان کي قافلن جي صورت ۾ ملندا، عجيب رنگن ۾، ڪڏهن شيطان، ڪڏهن لالچ، ڪڏهن سياست، ڪڏهن وهم، ڪڏهن ملاوٽ، نون نمونن سان ايندا، پر ڪوڪلا ڪوڪلا هوندا، الله پاڪ اوهان کي سوڀارو ڪندو، انشاء الله، پٺ بس پنهنجي محنت کي نہ ڇڏجو.

تاريخ :- 02-09-2019



# عظيم نسبت

دوستو! اسان هڪ ٻئي سان هڪ عظيم نسبت تحت جڙيل آهيون، مگر ڪي دوست فخريا انداز سان پنهنجي ان نسبت جو ذڪر سري عام ڪن ٿا، ڪي وري گڏ هوندي ڀي، پنهنجي شناخت الڳ رکڻ چاهين ٿا تہ يقينن انهن کي اها ئي شناخت ملندي، اسان کي تہ پنهنجي نسبت واري سڃاڻپ کپي.

تُسين اُچي، تُساڎي ذات اُچي،
تُسين اُچ شهر دي رهڻ والي،
اسين قصوري، اسان ڏي ذات قصوري،
اسين قصور شهر دي رهڻ والي-

تاريخ: 29-08-2019

# عشق جو رابطو

دوستو! دنيا جي تاريخ گواه آهي، سڀ نظريا پنهنجي وقت تي انجام پذير ٿي ويا، پر عشق جو نظريو ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ قائم رهيو، دنيا جا مڙئي ڏيا اجهاميو وڃن ٿا، طوفانن ۾، زلزلن ۾ ۽ ڪشمڪش ۾، پر عشق جو ڏيو، وري بہ ڪنهن شڪل ۾ چمڪندو رهي ٿو ۽ روشني ڏئي ٿو، ان اونداهيءَ وارن علائقن کي، جنهن کي حرص ۽ حوس اونداهو ڪري ڇڏيو، ان ڏيي جو روشن ٿيڻ جو مقصد فقط هڪ آهي تہ هو پنهنجي هيڊ ڪوارٽر سان رابطي ۾ آهي، ان کي تيل جي فراهمي معطل نٿي ٿئي، بس دوستو، اهو رابطو عشق جو جاري رکو، ان ورد درود پاڪ صلي الله عليہ وسلم جي محنت سان، انشاء الله اهو زندگيءَ ۾ بہ روشن رهندو ۽ قبر ۾ بہ.

تاريخ :-17-09-2019

# سجاڳي جي اک رکو

دوستو! اڄ هر طرف ۾ نمبري جو دور آهي، ائين ڪٿي چئجي ته رسم رواج طور استعمال پيو ٿئي اها زندگيءَ جي ڪهڙي به وهنوار ۾ چو نه هجي، مثلاً ڪاڏي وارين روزمره جي شين کان وٺي، علمي ۽ سماجيات جي هر ڳالهه ۾ ٻٽو معيار لازمن ٿي ويو آهي، اهو واعظين کان وٺي هڪ امير ماڻهو جو روپ هجي يا پير سياستدان چو نه ڪٿي هجي، اهو رواج جاري ساري آهي، هاڻ ته انهيءَ نڳن جي ٽولي روحانيت جهڙي انمول طريقي کي به هائبرڊ جهڙي منافقت مصنوعي ڪم خرچ بالا نشين ٿيو نڳي کي روحانيت جي نموني طور ميدان ۾ لاهي ان کي به متعارف ڪرائي ڇڏيو آهي، بس منهنجا پيارا اسان کي سجاڳ ڪرڻي آهي جيئن ڪٿي نڳجي نه پئون، الله پاڪ اوهان جو حامي ۽ نگهبان.

تاريخ :-04-09-2019

# اعتبار ۽ استقامت رکو

پٽ اوهان لاءِ دعائون آهن، پريشان ٿيڻ سان مسئلا حل ناهن ٿيندا، همت گهرجي دنيا ۾ زنده رهڻ لاءِ، همت لاءِ اسان اوهان کي دردو پاڪ صل الله عليہ وسلم جي محنت جو بار بار چئون ٿا، ان سان ثابت ٿئي ٿو ۽ دل ۾ اطمينان پيدا ٿئي ۽ سڪون به ملي ۽ يقين ڪامل عطا ٿيو وڃي ته ڪا غيبي مدد پهچڻ واري آهي، وري زنده رهڻ جو شوق پيدا ٿيو وڃي، بي همٿ ۽ ڪاهل سست ٿيڻ زندگيءَ تي بوجهه کان سواءِ ڪجهه به ناهي، اٿو وري نئين سر جوان ۽ جوانمرد ٿي روحاني رمزن ۾ رچي وڃ، اعتبار ۽ استقامت رک سڀ نيڪ ٿيڻ وارو آهي.

تاريخ :-19-10-2019



# درگذر ڪرڻ سکو

دوستو! اسان پيروي ڪرڻ جو دم ٿا ڀريون، ان سردار استادِ عظيم ڪائنات سان، پاڻ محبوب پنهنجي ملازمن ۽ خريد ڪيل ٻانهن کي ستر دفعا غلطين تي روزانو هڪ هڪ کي معاف ڪندا هئا، اسان به دوستو گهٽ ۾ گهٽ پنهنجن دوستن کي جيڪي اسان جا هن محنتِ درود پاڪ ۾ ساٿي ۽ شيئر هولڊر آهن، انهن کي خطا تي معاف ڪرڻ سکون، درگذر ڪرڻ وارو ئي سوڀارو ٿيندو آهي، الله پاڪ ان کي وڏيڪ عزتون بخشيندو آهي، ڪاوڙجي ويهي رهڻ وارو اڪيلو ۽ ولر کان ڪٽجي وڃي ٿو.

تاريخ :-22-10-2019

# جهالت وارين ڳالهين کان بچو

دوستو! قرآن ۾ قرآن پاڪ پڙهڻ واري جا وار به ٿي سگهن ٿا، قرآن پاڪ جي صحفن تي ڪڏهن ڪڏهن مڇر ۽ مکيون چنبڙيل ملن ٿيون، اسان انهن کي ڇا سمجهون؟ ڪنهن وار کي نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جو وار چوڻ انتهائي بي ادبي آهي، شريعت اسان کي سختي سان جهلي ٿي اهڙين فضول ۽ جهالت واري ڳالهين کان، نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي ڪنهن به استعمال واري شيءِ کي به ڪنهن چيز جهڙو چوڻ سان ماڻهو ايمان مان خارج ٿي وڃي ٿو اهڙين ڳالهين سان عمل جي جاءِ تي هڪدم هرڪو فائدي جي طرف ڊوڙندو ٿو وڃي، قرآن خود معجزو آهي، قرآن جي تلاوت ڪرڻ گهرجي ان تي عمل ڪرڻ گهرجي. وقت جي سيني عالمن اهڙين فضول ۽ جهالت وارين ڳالهين کي رد ڪيو آهي.

تاريخ: 03-03-2020

# حسد جهنم آهي

دوستو! سينگار، سينگار وارن جا ٿيندا آهن، جن کي سينگار ڪرائڻ وارا سينگاريندا آهن، هميشہ ماءُ پنهنجي پٽ کي اسڪول موڪليندي وقت سينگاريندي آهي، بابو خوش ٿيندو آهي تہ منهنجو ٻچڙو سينگارجي پيو، دوستن جي دل ٿڌي ٿيندي آهي، محبوب هميشہ چاهيندو آهي تہ مونکي چاهڻ وارا سينگاريل هجن ۽ خوشبو وارا هجن، انهن جي ابتڙ حاسدي جهنم جي باهہ ۾ جلندا آهن تہ ڪاش اسان کي بہ اهڙو موقعو ملي وڃي ها، اها هڪ وڏي تاريخ آهي، ڪن جي اندر ۾ جهنم جي باهہ، ڪن جي اندر ۾ جنت جي ٿڌڪار . بس جلندا رهو ابليس وانگي، اسان ڪلون ٿا نچون ٿا لعل وانگر.

تاريخ :-31-10-2019

# اوهان سان هر ڏک سک ۾ شريڪ آهيان

پٽ انسانيت وارو جبو پاٽل آهي، جيڪڏهن ڪمپيوٽر هجان ها تہ روز اوهان جو ذهن ڪپائيان ها ڇا ڪريان ڪوشش گهڻي ٿو ڪيان محبتون پيي دوستن سان ڏاڍيون آهن، هر طرف خوشيون ۽ غميون آهن هر ڪنهن وٽ پهچڻ ڪپي ۽ چاهيان پيي ٿو، آئون پنهنجي ڀينرن ۽ ڀائرن جي خوشي ۽ غم ۾ نٿو پهچان، آئون چاهيان ٿو تہ مون کان اهو ڪم وٺو جيڪو منهنجو ڪم آهي، وقت ويو هٿن مان وري ڏکيو ورندو، گهڻو ٿو عضون کان ڪم وٺان مگر بي وفا ٿيو پيا وڃن، الله پاڪ اوهان کي سرخرو ڪندو زندگيءَ جي هر موڙ تي انشا الله، پٽ دعائون.

تاريخ: 21-12-2019



# مالڪي ٿئي پئي

دوستو! افراتفري جو عالم آهي، ائين پيو محسوس ٿئي چڻ ڪو نہ ڪنهن جو آهي، هي وقت صبر ۽ برداشت جو اٿئو الحمد لله اسان کي الله پاڪ وڏي نعمت ۽ رحمت سان نوازيو آهي، فقط اسان جي ڳالهين تي غور ڪيو افواهون ۽ پراڻيون مدي خارج ويڊيون شيئر نہ ڪريو نہ ئي ٻڌل خبرون هلايون، آئون هر وقت اوهان جي خدمت ۾ حاضر آهيان، وڏي مالڪي پئي ٿئي، ڪنهن پيي قسم جو ڪو خوف نہ ڪجي فقط ڊاڪٽرن ۽ حڪومت جي اپائن تي مڪمل عمل پيرا ٿجي، گروپن ۾ غلط پوسٽون نہ هلايو ڏنل واٽ تي ڪاربند رهو ڇورا چنا ناهيون، الله پاڪ پنهنجو حامي ۽ ناصر آهي.

تاريخ: 25-03-2020

# رهنمائي ٿئي پئي

گرين ڪاري چانهہ هونئن بہ سٺي آهي، اسان جا ماڻهو پيئندا رهندا آهن، هاضميدار غذائون کائڻ ڪپن، پپيتا گدرا وغيره، ان جو ان بيماري سان ڪو بہ تعلق ناهي فقط وٽئمن سي، ڊي بہ نيڪ ڪرڻ لاءِ آهن، جوهر جوشاندو سرديءَ ۾ زڪام ۽ کنگهہ ۾ ماڻهو استعمال ڪندڙ آهن، باقي سائنسي طرح هن ويا جو ڪو بہ علاج ناهي آيو سو مهرباني ڪري افواهن ۽ خوابن تعويذن ڦيڻن کان پاسو ڏيو اسان جي رهنمائي ٿئي پئي بس انتظار ڪريو مرشد لعل شهباز قلندر جي دربار جو در کلي، در جو کلڻ ڇوٽڪارو حاصل ٿيڻ جو ثبوت هوندو، ان کان اڳ ۾ بس صبر ۽ قانون ۽ ڊاڪٽرن جو چوڻ ڪيو.

تاريخ: 27-03-2020

# ٻنهي جهانن ۾ ڪاميابي

دوستو! دنيا جهان جا لکين رنگ آهن، جنهن ۾ خوش قسمت ان قيمتي رنگ کي ڏسي ورتو سڃاڻي ورتو انهن جا نقش دل ۾ لڪائي رکيا ۽ پڪا ڪرڻ بعد انهن کي دنيا جي ٻين فردن تائين پهچايو، احسن طريقي سان انهن جي تقسيم ڪئي، جنهن ۾ خوش قسمت انهيءَ تي عمل ڪيو ۽ سمجهي ويو اها ڳالهه هنئين ۾ هنڊايائين، اهو ٻنهين جهانن ۾ ڪامياب ٿيو ان کي سڪون ۽ راحت نصيب ٿيا، مگر جن کي سمجهه ۾ ڳالهه نه آئي، انهن جي اڳيان سمجهڻ وارا ڇرڪيا ليکيا.

تاريخ :- 31-01-2019

# گهٻرايو نه

دوستو بهترين ورد شفا لاءِ ”سورت فاتح“ جو اٺئو جيڪو هڪ تسبيح روزانو اول آخر درودپاڪ جي پڙهجي، نه ته ايڪيتاليهه دفعا ٻه پڙهي سگهجي ٿو ٻيو ورد "يا حفيظ يا سلام" جو اٺئو هڪ تسبيح روزانو صبح شام پڙهو. تاريخ ۾ اهڙا ڪافي مرتبه وبائي (طاعون) اچي چڪا آهن، پاڻ محبوبن صل الله عليہ وسلم جي وقت ۾ پڻ اچي چڪا آهن، پاڻ ڪريمن پڻ احتياط جو حڪم ڪيو اٿن، صحيح بخاري جي طاعون واري چيپٽر ۾ واضع لکيل آهي، ڪا خوف واري ڳالهه ناهي سڀ ڪجهه الله پاڪ جي هٿ ۾ آهي، اسان کي درود پاڪ جي محنت ۽ استغفار جي ڪثرت سان گڏ آيته ڪريمه پڻ پڙهڻ گهرجي، الله اسان سڀني جو نگهبان آهي.

تاريخ: 14_03_2020



# سڀ خير ٿيندو

دوستو اسان اوهان جي ڀلائيءَ لاءِ سوچيو ٿا ڇو ته اسان تي فرض عائد ٿئي ٿو وقتن به وقتن اوهان سان رابطي ۾ رهجي جيئن اسان جي پيارن جي دل شڪني نه ٿئي، حوصلو پيدا ٿئي هر صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ، اسان جي سلسلي دنيا جهان سان گڏ هلڻ سيکاريو آهي، اها ئي اسان جي اسلام جي تعليم آهي ته تدبير جي اهميت آهي، سورت يوسف ۾ مصر جي بادشاه جو خواب پوءِ ان جي تعبير ۽ ان قحط لاءِ اڳواٽ اُپاءُ وٺڻ اسان جو دين اسان کي سمجهائي ٿو اسان کي وقت جي گهرجن کي سامهون رکندين، گورنمينٽ جي قانون جو احترام ڪرڻ لازمن آهي، انشاء الله سڀ خير ٿيندو.

تاريخ: 19_03_2020

# وقت جي تقاضا کي به سمجهو

توهان پيارا آهيو پٽ، اسان مسلسل رابطي ۾ رهي نوڪري سمجهي ادا ڪيون پيا ڪير چاهيندو پنهنجي اولاد کي پنهنجي تعريف ۽ واهه واهه خاطر اوڙاه ۾ اڇلي ڪڏهن پڻ نه، تمام شفقت مشفق اُهي هستيون آهن، هڪڙو معمولي ڪک پڻ پنهنجي پيارن درود پاڪ جي محنت ڪرڻ وارن تي برداشت نه ڪندا، بس وقت جي تقاضا مطابق جيڪو اڳواڻ اڳواٽي نه ڪري سگهي اهو جاهل بي وقوف آهي ۽ انا پرست آهي، بس اهي يارڙا پڻ ائين اٿو مطلب پرست جيڪي سوچ جي سگهه نٿا رکي سگهن انهن لاءِ پڻ هدايت جي دعا ڪري سگهجي ٿي.

تاريخ: 21_03_2020

# عشق جو شهباز

دوستو! دنيا جا قائدا قانون سڀ جا سڀ عقل تي لاڳو ٿين ٿا، جڏهن عشق جو شهباز هن عقل جي ڳيري کي پنهنجن، چنبن ۾ ڪٽي ٿو پوءِ ويچارو عقل جو ڳيرو ان ۾ وڪوڙجي ڪنيپ ۾ هڏين جو ڍانچو وڃي بچي ٿو هو هاڻ ڇا تسليم ڪندو عقلي علمي دليل.

تاريخ :- 27-02-2019

# روح تي موت ناهي

دوستو! برزخ جي زندگي يعني قبر جي زندگيءَ خاص ڪري اولياءِ ڪرامن جي زندگي جن جا روحاني لطائف ظاهري زندگي ۾ روشن ٿيل هئا، انهن جو روحاني تعلق برزخ ۾ بہ قائم رهندو آهي، پنهنجي قبر تي اچڻ وارن سان، رابطو ٽٽندو ناهي، روحانيت روح سان لاڳاپيل آهي، روح تي موت ڪانهي، پر اهي سڀ راز ونياز لڪيل رهڻ گهرجن، فقط حق جي طالبن جي رهنمائي خاطر، ظاهري نمائش لاءِ نہ، شريعت جي حڪمن تي عمل پيرا ٿي رهڻو آهي، خلاف ورزي ڪرڻي ناهي.

تاريخ :- 26-03-2019



# محبت ڪرڻ سکو

دوستو! سڄي ڪائنات ۾ جيڪڏهن ڪا افضل شيءِ آهي تہ اها فقط محبت ئي آهي، هاڻي اچو تہ ان کي ڳولهيون، جانچ پڙتال ڪرڻ بعد خبر پوندي تہ ڪائنات جڙڻ جو راز ئي محبت تي مبني آهي، فطري طرح ننڍيون ننڍيون شيون بہ اسان کي پاڻ ڏانهن راغب ڪن ٿيون، پر اڳتي هلي وفائون بي وفائن ۾ بدلجيو وڃن، اتي وري اسان کي اها ازلي ابتدائي محبت ياد ڪرڻي پئجيو وڃي جيڪا دراصل حقيقت آهي، تہ چو نہ ان محبت تائين پهچ حاصل ڪجي ۽ دائمي محبت ليجي، بس هڪ ئي آسان رستو اٿئو دوستو اهو آهي ورد درود پاڪ ﷺ، جنهن سان سڀ راز کلي پوندا.

تاريخ :- 25-02-2019

# روحاني قدر

دوستو! اسان کي روحاني زندگيءَ ۾ ڪامياب رهڻ لاءِ ڪجهه لوازمات اختيار ڪرڻا پوندا. ايڪويهين صديءَ انتهائي ڪامپيٽيشن جي زندگيءَ آهي، اسان جو مقصد روحاني قدرن کي اجاگر ڪرڻ آهي ۽ ماديت پرستي جي انهن اضافي ڪمن ڏانهن ڌيان کي منتقل ٿيڻ کان روڪڻو آهي، اسان کي مسلسل پنهنجي منشور ۽ قانون قائدن تي سختي سان محنت ڪرڻي پوندي ۽ پنهنجي لافاني اصولن جي رکوالي ڪرڻي پوندي، ان سان گڏوگڏ وڏي حوصلي واري دل سان شيطاني قوتن يعني حرس حوس جي ارادن سان لاڳاپيل سيني مرحلن مان پار ٿيڻ لاءِ روزانو روحاني ڊيوٽي ڪثرت درود پاڪ صلي الله عليہ وسلم جي محنت کي جاري رکڻو پوندو. پوءِ يقينن هر موڙ تي ڪاميابي حاصل ٿيندي. انشاء الله.

تاريخ :-09-03-2019



# ماحول کي خوشگوار ڪيون

دوستو! اسان جو ارد گرد جو ماحول بدڪرداري جي ڪري آلوده ٿي رهيو آهي، گناهن جي ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ سان. هاڻي اچو تہ درود پاڪ صلي الله عليہ وسلم جي صدقي محبت محمدي صل عليہ وسلم جي آڪسيجن حاصل ڪري ماحول کي خوش گوار بڻائيون.

تاريخ :-25-03-2019

# ايمان ڇا آهي

دوستو! اسان ايمان جو نالو ٻڌو آهي، ايمان جي معنيٰ آهي اعتبار. قبول ڪرڻ، پاڻ کي حوالي ڪري ڇڏڻ، گم ٿي وڃڻ. ان هستيءَ جي هر ادا کي لبيڪ چئي، انهيءَ جي ڪردار جو عاشق ٿي پوڻ،

قُلۡ اِنۡ كُنۡتُمۡ تُحِبُّوۡنَ اللّٰهَ فَاتَّبِعُوۡنِىۡ يُحۡبِبۡكُمُ اللّٰهُ وَيَغۡفِرۡ لَـكُمۡ ذُنُوۡبَكُمۡ‌ؕ وَاللّٰهُ غَفُوۡرٌ رَّحِيۡمٌ ﴿31﴾

(سورت العمران).

اهو ايمان علامت آهي، ان محب سان محبت. اها محبت آهي، ان تي لاتعداد درود پاڪ ﷺ جي محنت. بس لڳي پئو هن محنت کي ۽ خزانا هٿ ڪري وٺو. وقت تي ڪو پروسو ڪونهي.

تاريخ:15-03-2019

## رحمت جي پاسي اچو

دوستو! هزار هان غلطيون ۽ ڪوتاهيون خاميون سستيون پنهنجي جاءِ، پر هڪڙي ڳالهه منهنجي ڌيان ڌئي ٻڌو، ڪثرت درود پاڪ صلي الله عليه وسلم جي محنت اسان ۽ توهان جو آخري هٿيار اٿئو سڀ وسيلا ناڪارا ٿي چڪا آهن، انهيءَ رحمت جي پاسي وڃڻ کان سواءِ ڪو چارو ڪونهي.

تاريخ :- 14-08-2019

## درود پاڪ رحمت جو درياهه اٿو

دوستو! دنيا جا رنگ ڏسو هڪ مڇي ڍنڍ ۾ پلجي پئي، وري ٻئي پاسي ڍورن ۾ به پلجي پئي، هٿرادو تلائن منجهه به پلجي پئي، ائين سمنڊ ۾ به رهي پئي، پر جيڪو مڇيءَ جو نسل ناياب درياه وارو ٿئي ٿو اهڙو ڪوئي به ڪونهي، ٿورڙي توجه ڏيو درياهه اهو وهندڙ پاڻي جيڪا الله جي رحمت اٿوَ جيڪو ملڪن ۽ زمينن کي سيراب ۽ سرسبز ٿو بڻائي، ڪيڏي لذت آهي ان مڇي ۾ ۽ ان پاڻي ۾، بس اسان کي درود پاڪ ﷺ جو پاڻي بڻجي خشڪ زمينون شاداب ڪرڻيون آهن ۽ ان ۾ پلجندڙ جاندارن کي به الله جي مخلوق لاءِ ذائقيدار بڻائڻو آهي، انشاالله. الله اوهان کي پنهنجي حفظ امان ۾ رکي، آمين.

هنڌ سنڌڙي. تاريخ : 18-03-2019



## الله جا دوست

دوستو! درود پاڪ صلي الله عليه وسلم جي محنت اهو مقام عطا فرمائي ٿي جو اهو فرد الله جي خاص انهن ماڻهن ۾ ليکيو ٿو وڃي جنهن کي نه خوف نه غم يعني مقبول ترين بندن ۾ نالو شامل ٿي وڃي ٿو انهن کي الله جا دوست سڏيو وڃي ٿو.

تاريخ :- 22-09-2019

## الله وارن ۾ ڪشش

دوست، توهان سوال پڇيو ته الله وارن ۾ ٻين ماڻهن جي ڀيٽ ۾ ڪشش وڌيڪ محسوس ڇو ٿيندي آهي ۽ انهن جي قبرن تي به اها قربت ۽ ڪشش ڏسڻ وٽان هوندي آهي، پٺ اصل ۾ اها توجهه ان مقناطيسي قوت جو ڪمال آهي، اهو چڪمق چڪي ٿو انهن نامينيٺ فردن کي جنهن کي راهِ حقيقت لاءِ منتخب ڪيو ويندو آهي، پوءِ انهن جا دل مسخر ڪيا ويندا آهن، **”في عيني صغيرا وفي اعين الناس ڪبيرا“**، هي سڀ حربا الله جي مخلوق کي الله ۽ ان محبوب ڏانهن متوجه ڪرڻ لاءِ هوندا آهن، نه ڪي دنياوي مال اسباب جمع ڪرڻ ۽ پاڻ کي پير بڻائن لاءِ.

تاريخ :- 30-03-2019

# حفاظت جو رستو

دوستو! مونکي ڏيکاريو ويو آهي اهو منظر، جنهن ۾ ٻہ بلائون پاڻ ۾ ٽڪرائجن ٿيون، وري ڏنو ويو آهي تہ اسان محفوظ آهيون، بس درود پاڪ صلي الله عليہ وسلم جي محنت ۽ استغفار جي ڪثرت ڪيو، ان سان گڏ ”لا حول ولا قوة الا بالله العلي العظيم“ جي تسبيح پنهنجي عادت ٺاهيو، الله پاڪ اوهان جو حامي ۽ ناصر نگهبان.

تاريخ:-14-05-2019

# منافق دوست

دوستو! هر قسم جا وڻ ٿين ٿا، ڪن ۾ ميوو تہ ڪن ۾ ڪنڊا لڳندا آهن، ڪڏهن ڪڏهن وري ميوي جي وڻ جي ڇانوَ ڪان ڪنڊي ڏار وڻ جي ڇانوَ سٺي ٿيندي آهي، پر جيڪڏهن هيٺ ويهبو تہ هر وقت ڪنڊي لڳڻ جو خوف باقي رهندو، جيڪڏهن ڪٽ تي هجبو پوءِ پير هيٺ ڪبو ڊپ رهندو متان پير ۾ ڪنڊو نہ چنبڙي، ميوي واري وڻ مان وقتن بہ وقتن مٺا پڪل ميوا هيٺ ڪرندا رهندا آهن، دوستو، ائين منافق دوست ڪنڊيدار وڻ آهي، ٿڌي ڇانوَ ڏسي وفا دار ميوي وارو دوست ڇڏيو نہ.

تاريخ: 27-04-2020



# اجايو ڏيان نہ ڏيو

دوستو! ڪو ماڻهو جيڪڏهن دوستي جو روپ اختيار ڪري، وري ان جي وات مان اوهان کي ڪڏهن بي وقتائتا اهڙا جملا ٻڌڻ ۾ اچڻ لڳن، جنهن ۾ توهان کي حسد ۽ ڪيني جي بوءِ محسوس ٿئي پر اوهان صبر ڪرڻ سکي ورتو ۽ ماٺ ڪئي تہ اوهان پڪ سمجهو جملن چوڻ واري جي اهميت گهٽجڻ شروع ٿي وئي.

تاريخ: 27_04_2020

# اللّٰہ تي ڀروسو رکو

پٽ هي آمريڪا ۽ يورپي يونين وارا سڀ ڇريا آهن جتي اڄ هڪ ڏينهن ۾ هزارين اموات ٿيا آهن، عرب ۽ ايران ۾ رڳو ڪاري ڇانهہ آهي پوءِ هي ڇا آهي بس توبهہ ۽ درود پاڪ جي محنت سان انشاءالله سڀ خير ٿيندو، جيڪڏهن خدا ناخواستہ جنجال اچي ڪا هام هڻي ۽ چوي تہ ان مرض جو علاج مون وٽ آهي ۽ مونکي الله ڪري مڃيو پوءِ اوهان ڇا ائين ڪندا، ڇڏيو هي بي وقوفاڻيون ۽ جهالت واريون ڳالهيون، الله ۽ رسول الله صلي الله عليہ وسلم تي ڀروسو بس.

تاريخ: 27-03-2020

# هلندا رهو

پٽ رڪاوٽون فطري عمل آهن. تبليغ وڏو رتبي وارو عمل آهي، جتي نيڪي هوندي اتي شيطاني حرڪتون يقيني تحرڪ ۾ رهنديون، اسان رهبر اسان محبوب ڪريم صلي الله عليه وسلم جي زندگيءَ اسان لاءِ مثال آهي، همٿ هميشه همٿ وارن کي ملندي آهي، ٽڪل ٽٽل منزلون نه ماٽيندا، جيڪي هلندا سي راه تي پهچندا انشاء الله.

تاريخ: 14-01-2020

# حفاظت جو رستو

دوستو! انسان هميشه پنهنجي سوچ ۽ افعالن جي ڪري اذيتون پوڳيندو آهي، ڪوڙ کي سچ ۽ سچ کي ڪوڙ ٿاهيندي ڪجهه اهڙيون غلطيون سرزد ٿي وينديون آهن. جنهن جي ڪري معاشرو اسان کي ظالم جو ڏيک ڏيڻ لڳندو آهي، چو ته اسان اميدون وسيع ڪري ڇڏيندا آهيون پوءِ موٽ نه ملڻ جي صورت ۾ اداسيون پيچو ڇڏينديون ناهن، دوستو سچ پچ هي رشتو توهان کي سمجهائي ٿو.

رَبَّنَا لَا تَجْعَلْنَا فِتْنَةً لِّلْقَوْمِ الظَّالِمِينَ ﴿٨٥﴾ **سورت يونس.**

دنيا وارن فتنن ۽ حسدن مان فقط نقصان جو ئي انديشو آهي، انهن جي شر کان حفاظت هن رستي منجهه اٿئو اچو رحمت الله جي سان لاڳاپيل رهون ۽ درود پاڪ ﷺ جي محنت کي جاري رکو.

تاريخ :-30-03-2019



# برڪتن واري محفل

دوستو! روحاني دنيا ۾ وڏا چرچا آهن. اچو ته نڪري پئون ان برڪتن واري محفل ڏي، جتي رحمتون اسان جو انتظار ڪنديون. ان هستيءَ ڪمال جي صدقي جيڪو رحمت پيو آهي، ۽ خاتم النبيين به آهي، جيڪو شفيع به آهي اسان گنهگارن جو پنهنجي رب وٽ اسان لاءِ، اچو ته نڪري پئون.

تاريخ: 28-09-2019

# صبر ۽ استقامت

منهنجا دوستو! پريشان نه ٿيو ٿورين ٿورين. ننڍين ڳالهين ۾، ضروري ناهي ته اسان جون سڀ خواهشون پوريون ٿين. هر هڪ ڳالهه پويان الله سائين جي رضا هوندي آهي. اداسيون ۽ مايوسيون چڱيون ناهن. انسان کي ولوڙي ڇڏين ٿيون. وقت کان اڳم جلد بازي نقصانڪار ثابت ٿيندي آهي. فقيريءَ ۾ صبر کي اوليت ڏني وئي آهي،

"رَبِّ إِنِّي لِمَا أَنزَلْتَ إِلَيَّ مِنْ خَيْرٍ فَقِيرٌ. (سورت القصص ايت نمبر 24)"

"جا نعمت تو مون ڏي موڪلي آئون ان لاءِ ڏاڍو محتاج آهيان"

انتظار ڪجي، رب ۾ اميد رکجي، ڪثرت درود پاڪ ﷺ جي محنت جاري رکجي ۽ استعفار ڪندو رهجي، سڀ سڻايون ٿينديون. انشاء الله.

تاريخ: 31-03-2019

# اهلبيت جون نشانيون

دوستو! منهنجي مرشد لال شهباز قلندر جي مرشد علي سائينءَ رضہ جون اکيون ڪمال واريون هيون، تمام وڏيون، رنگ سائين جو ڪڻڪ نمائي، چهرو بارونق وجاهت وارو، بدن طاقت ور خوبصورت، قد وچولو، سينو ويڪرو ڪشادو، هٿن جيون ڪلائيون انتهائي مضبوط، مٿي تي وار گهٽ، ڏاڙهي گهاٽي ۽ سڄي جسم تي وار، اُهو اڄ بہ اهلبيت جي نشانين جي علامت سمجهيو وڃي ٿو.

تاريخ: 20-09-2019

# زندگي خوبصورت آهي پر...!

منهنجا پٽ آئون سمجهان ٿو زندگي ڏاڍي خوبصورت آهي، جنهن ۾ توهان رهو پيا، خاص ڪري يونيورسٽي ۾ ڪاليج لائيف يا وري ماڊرن ٽائيپ شور شرارتون جنهن جي پويان دوستيون ڪار فرما هونديون آهن، اسان انهن کان اوهان کي روڪيون نٿا، پر تمام پيار ۾ پنهنجائپ مان هڪ راز واري ڳالهہ ٿا ڪيون، دوستو سڀ گهڙي ڪن جا جلوا اٿئو، ٿورڙو وقت هن عظيم سبق کي بہ ڏيو جو ڪنهن ڏکي ويل وقتائتو ڪم اچي سگهي، منهنجا ٻچڙا پنهنجي مصروفيتن مان ڪجهہ وقت روزانو درود پاڪ صلي الله عليہ وسلم جي نانءُ ڪيو الله پاڪ اوهان کي پنهنجي حفظ امان ۾ رکي.

تاريخ : 01-04-2019



# محنت جاري رکو

دوستو! درود پاڪ صلي الله عليہ وسلم جي محنت ڪريو پريشان نہ ٿيو الله پاڪ اوهان کي نوازيندو تمام جلد، سالانہ محفل جو مقصد درود پاڪ صلي الله عليہ وسلم جو اجتماعي طور پڙهڻ آهي، هڪ هنڌ گڏ ٿي عالم اسلام لاءِ ڀائيچاري جو پيغام ۽ دعائون ڏيڻ آهي، مفادن جي جنگ هارائي ويل انسانيت لاءِ امن امان جي صورتحال بهتر ڪرڻ آهي.

تاريخ :-18-09-2019

# راڻو ريجهي پوي

دوستو! افراتفري ۽ انتشار جو شڪار ٿيل هن جهان جو حال ڏسو رب ڪائنات هميشہ پنهنجي ربوبيت جي انڪارين کي ڪڏهن مڇر وسيلي، ڪڏهن ننڍڙي ابابيل پکي جي هٿان هاڻ وري وڏن سپر پاورن وڏن ماهرن کي هڪ ننڍڙي جراثيم کان اهڙو تہ پريشان ڪيو آهي، جو ڪيڏانهن ويون ليبارٽريون، تحقيقاتون، هٿيار ۽ بارودي ڊبڊبو سڀ ناڪارا، ڪو بہ علاج سمجهہ ۾ نہ اچي سگهيو، حقوق انسانيت جا دعويدار پنهنجي نسل کان پيي خوفزده، اهڙي مشڪل وقت ۾ اسان وري پلٽو ڪاڏو ان جي حبيب جي حضور انهن تحفن ۽ تاحفن سان، ۽ توبهہ استغفار جي تسبيحاتن سان من راڻو ريجهي پوي ڪو رحم ٿي پوي.

تاريخ: 03-04-2020

# روحاني رمزون

دوستو! تنظيمي ايڊمنسٽريشن پنهنجي جاءِ، روحاني رمزون ان کي نصيب ٿينديون آهن، جنهن جي دل ۾ سبق واري سان انسيت هوندي ته سلوڪ سکي سگهبو، ان طرف ڌيان ڏبو، دل واريون خبرون داخل ٿينديون، قلبي قرار ايندس، نه ته سُڪو رهجي ويندو ساون ۾، رنگ ان تي چڙهندو جو رنگ ۾ رنگجڻ چاهيندو، فالتو رنگيندڙ پنهنجو رنگ ضايع ڪو نه ڪندو، پر ڪڏهن رنگيندڙ طرفان رنگ ڇنڊڪاريندين پر ۾ ويٺلن تي ڪجهه قطرا ڪري پوندا آهن.

تاريخ: 30-07-2019

# محبت جو منشور

دوستو! الله پاڪ پنهنجي نيڪ بندن کي منتخب ڪندو آهي ۽ انهن جي ئي هٿان نيڪي کي عام ڪرايو ويندو آهي، پوءِ دنيا وارا انهن نيڪ بندن کي اهڙن القابن سان زندگيءَ ۾ ۽ زندگيءَ جي بعد ياد ڪن ٿا، جيئن ڪنهن کي غوث، ڪن کي قطب وري ڪنهن کي قلندر، پر جن لاءِ اهي لقب جڙن ٿا انهن کي لقبن جي پرواه ناهي هوندي، اهي فقط الله جي رضا تي راضي رهڻ کي ئي غنيمت سمجهن ٿا، اسان کي به اسان جي رهبرن اهوئي درس ڏنو آهي، نه مطلب، نه ڪا لالچ غرض، نه ئي ڪشف ڪرامت جو فڪر. دوستو، بس اسان کي مسلسل پنهنجي منشور محبت ۽ ڪثرتِ درود پاڪ صلي الله عليہ وسلم جي محنت جاري رکڻ گهرجي.

تاريخ: 16-04-2019



# راهِ نجات

منهنجي ٻچڙن لاءِ دعائون الله جي گهر ان جي محبوب جي صدقي سيني درود پاڪ پڙهڻ وارن لاءِ، دوستو درود پاڪ هڪ گس آهي ۽ هڪ ڊاريڪشن اصلاح چئي سگهجي ٿي، ان طرف وڌڻ جي، جتي راهِ نجات ملي ٿي سيني دردن ۽ تڪليفن کان انهن جي شڪل شبيہ ڪنهن بہ صورت ۾ ٿي سگهي ٿي، بس منهنجا پيارؤ ٿورو وقت ڪڍو هن روحاني سفر لاءِ، پنهنجي فالتو وقت مان، الله پاڪ اوهان کي سرخرو ڪندو زندگيءَ جي هر موڙ تي انشا الله ۽ هر وهنوار ۾.

تاريخ :-03-10-2019

# توبهہ تائب ٿيو

هُيَس جي سِياءِ تہ ڪَيُمِ ڏُکُ ڏيرَنِ تي،
اَدَبَ وچان اُنِ سين، ڳالهِ نہ ڪَيَمِ ڪاءِ،
ذات مُنهنجي ماءِ، ڳچو ٿي ڪيچيُن کي.

جيسين طاقت هئي ۽ جوانيءَ بہ هئي، تڏهن سوچيم ڪو نہ، هي سپ عارضي پرجهلا پيڇا آهن، ڪو فڪر ڪو نہ ٿيم، ڏاڍو خيال ڪيم، پنهنجين عضون کي سينگارن سنوارڻ ۾، ڪنهن کي پاڻ جهڙو سمجهيم ئي ڪو نہ، ادب ڪيم عارضي بدن جو ان جي صحت جو، جنهن ڪڏهن ڪا دز ۽ مٽي لڳندي هئي تہ ان کي بہ گهٽ وڌ چئي وجبو هو، اڄ اها ماءِ مٽي جي روپ ۾ جڏهن مٿان ايندئي پوءِ ڇا ڪندين، اٿي توبهہ تائب ٿي، ڪثرت درود پاڪ صلي الله عليہ وسلم جي محنت ڪر جيئن توکي سليقو ملي زندگيءَ گذارڻ جو.

تاريخ :-8-05-2019

# نقلي صوفي

دوستو! ڳالهيون ڪرڻ وارن جا وات سبي ڪو نہ سگهيا، صوفين ۾ اهل حال تہ گهٽا ملندا آهن پر صاحب ڪمال گهٽ آهن. دوستو ان جو ڪارڻ نقلي صوفي سڏائڻ وارا آهن دوستو، وٽايو خود نہ ويندو آه، وٽائڻ وارا وٽائي ڇڏيندا آهن. جيڪو حال ۾ پڪوڙا پيو کپائيندو اهو گراهڪن کي ڪال ۾ موتي ڪٿان ڏيندو.

تاريخ: 26-09-2019

# وفا ڪرڻ سکو

دوستو! سچي پڇو تہ اسلام ڇا آهي، محبوب ڪريمن صل الله عليہ وسلم سان وفا ڪرڻ جو نالو ايمان ڇا آهي، اسلام ئي ايمان آهي، ايمان ئي اسلام آهي، اسان جي عقيدي جو اهوئي سبب آهي تہ، محبوبن صلي الله عليہ وسلم جي محبت ئي سڀ ڪجهہ آهي، اهو ئي اسان جو علاج ظاهر بہ آهي ۽ باطن بہ آهي، سائين جن جي سوانح حيات جيڪڏهن زندگيءَ جو سرمايو ٿي وڃي، تہ سڀ مسئلا حل ٿي پون، ڪو ڏک، ڏک نہ رهي، ڪو مونجهارو اسان کي منجهائي نہ، اچو تہ ان هستي سان ساٿ نڀائجي، ۽ دامن جهلجي ۽ ڪثرتِ درود پاڪ صلي الله عليہ وسلم جي محنت ڪجي، الله پاڪ اوهان کي ۽ اسان کي روحاني زندگيءَ بخشي، آمين.

تاريخ: 09-05-2019



# عظيم دسترخوان

دوستو! اسان تياري ۾ آهيون ان تاريخي ۽ عظيم دسترخوان سجائڻ ۾، جنهن جي نسبت ان رحمت الله العالمين صلي الله عليہ وسلم سان آهي، جن ۾ روحاني تحفن سان مالا مال ڪيو ويندو انشاء الله اوهان پڻ ڀرپور نموني سان شموليت ڪي يقيني بڻائيو، ڪثرتِ درود پاڪ صلي الله عليہ وسلم جي محنت سان، الله پاڪ جي در اوهان لاءِ دعائن جي التجا آهي. آمين.

تاريخ: 28-08-2019

# اسان جو منشور

دوستو! هيءَ وقت جنهن ۾ پاڻ هلون پيا، آهي عارضي، ڇو تہ پاڻ کي پنهنجي حقيقي مالڪ سائين ڏانهن موٽڻو آهي ڪجهہ تحفا تحائف کڻي، پاڻ غريبن وٽ ڇا آهي ڏيڻ لاءِ، پر پاڻ مالڪ سائين ٿو ٻڌائي تہ مونکي محبوب ڪريم صلي الله عليہ وسلم تي درود وڻندو آهي، هميشہ ماڻهو سوچيندو آهي، جيڏانهن وڃان ٿو تہ ان جي پسند جي شيءِ کڻيو وڃان، بس انهن سيني حڪم احڪامن سميت جيڪي اسان تي مالڪ سائين ۽ ان جي محبوب سائين جي طرفان لاڳو ڪيا ويا آهن، ان تي عمل ڪرڻ اسان جو منشور آهي.

تاريخ:-14-05-2019

# پيغامِ محبت

دوستو! تاريخ شاهد آهي ته حق جي تبليغ جڏهن به نمودار ٿي آهي ته ان جي ابتڙ شيطاني حملا ٿيڻ لازمن آهن. پوءِ اهي معاشري جي روپ ۾ هجن يا فرد جي روپ ۾ هجن. توهان جي انهن دوستن جي روپ ۾ هجن جنهن کي اوهان جي ڳالهه سمجهه ۾ نه آئي هجي. چوڻ جو مقصد هر ان حق واري ڳالهه جو مقابلو ان کي نه پسند ڪرڻ وارن سان ٿيندو آهي. اسان جو محبوب صلي الله عليه وسلم جيڪي اسان جا رهبر ڪامل آهن. انهن جي سڄي حيات ڪاملا اسان لاءِ سبق ۽ سکڻ جو نمونو آهي. بس اسان کي پنهنجي سادگي سان لاڳاپيل دوستن سان گڏجي. اهو پيغام محبت کي عام ڪرڻ گهرجي ۽ نفرت کي ٻنجو ڏيڻ گهرجي.

تاريخ:- 16-05-2019

# رحمت جو دروازو

دوستو! درود دعا آهي. جنهن کي دعا هوندي اهو ئي درود پاڪ صلي الله عليه وسلم جي ڪثرت ڪندو. دعا ڪنهن جي به ٿي سگهي ٿي. امڙ جي، ڪنهن نيڪ ڪم جي ڪري الله پاڪ راضي ٿي پوي. يا ڪنهن به نيڪ مرد جي اهو استاد ۽ رهبر ٿي سگهي ٿو. دوستو درود دروازو آهي رحمت جو جنهن جي وسيلي اوهان تي ڇا پر سڄي عالم انسانيت تي نزول رحم ٿئي ٿو. جن رحمت مان فائدو ورتو اهي ايمان وارا ٿي ويا. يعني يقين وارا ٿي ويا. ارادا مضبوط. سيني شيطان گيرين کان محفوظ. دوستو درود برڪت به آهي. جنهن جي گهر ۾ ۽ جنهن تي به داخل ٿي. اهي برڪت وارا ٿي ويا. انهن جا نسل انهن جا آخري آرام گاه به برڪت ڀريا ٿي پيا. جتي برڪتن جا نزول اڄ به جاري آهن. دوستو سنڀاليو ان محنت کي. اوهين ڪامياب آهيو. الله پاڪ اوهان کي خوش رکي آمين.

تاريخ: 18-05-2019



# ڪردار کي بهتر ڪيو

دوستو! اسان گنگهار آهيون. خاص ڪري آئون پاڻ پنهنجي ڳالهه ڪندس. اسان کي محفلن ۽ ڪچهرين ۾ ڪنهن جو نالو وٺي نه ئي ڪجهه چوڻو آهي. نه ئي ڪنهن جا مثال ڏئي ڪنهن اڻ ڄاتل شخص کي نروار ڪرڻ گهرجي. اندر جي ناراضگي کي صبر جي پاڻي سان اجهايو. جيڪڏهن روحانيت جي راهه تي هلندي به ساڙ ۽ حسد رکندؤ ته ناڪامي نصيب ٿيندي. هڪ ٻئي کي زور زبردستي نه ڪردار سان خريد ڪريو.

تاريخ :- 26-08-2019

# سادگي ۾ سونهن آهي

پٽ پاڻ کي سنڀاليو. دنيا ظالم اٿئو. سادگي سٺي ڳالهه آهي. پر وقت جي ضرورتون پوريون ڪرڻيون پون ٿيون. انسان کي انساني گهرجون رکڻيون پون ٿيون. ملائڪ ۽ انسان ۾ فرق آهي. اسان انسان آهيون. هڪ ماڳ کان ٻئي ماڳ پهچڻ لاءِ سواري جي ضرورت پوي ٿي، جسم کي خوراڪ ۽ روح کي روحانيت جي. ظاهري ڪهڙو به روپ هجي پر اندر ۾سمنڊ هجي. اهو ڇهري تي مرڪ جي صورت ۾ نمايان هوندو آهي. چوڻ وارن کي ٿوڪبو ناهي ڀلي چون. اسان جي سادگي ڇا آهي. الله پاڪ بهتر ٿو ڄاڻي.

تاريخ :- 02-09-2019

# گل ۽ ڪنڊا

دوستو! گلاب جي گلن جو عجب مثال آهي، اهي ڪنڊن سان گڏ رهي وڏي ويجهي وڏا ٿين ٿا. پر ٻنهي جي خوشبوءِ ۽ ڪم الڳ آهن، ائين هن دنيا ۾ به اهو حال آهي، اهو فطري عمل آهي، اوهان به پاڻ کي دنيا جي انهن هيراڦيرين کان پري رکو ۽ ڪثرت درود پاڪ ﷺ جي سنت اولياءِ ڪرامن وارو فارمولو اپنايو.

تاريخ :-27-03-2019

# صبر ڪان ڪم وٺو

دوستو! درود پاڪ صلي الله عليه وسلم جي محنت ڪرڻي آهي، ان ۾ وقفو ڪونهي وجهڻو ضرور زندگي آهي ڏک ۽ سک هڪ پيمائش آهي پنهنجي، صبر ۽ استقامت عاجزي اسان جو پيشو آهي، انسان آهيون فرشتا ناهيون، غلطيون ضرور ٿينديون، پر بيهڻ ڪم پاڙين جو دوستن جون غلطيون درگذر ڪندا ويندا ته پريشان ڪو نه ٿيندا، جيڪڏهن ان کي دماغ ۾ جاءِ ڏيندا ته افسوس ٿيندو، ضابطو ۽ ڪنٽرول سواءِ خلوص ۽ محبت جي ممڪن ناهي، قيد بند لازم ناهي، دوستن جي مرضي رکو، پنهنجيون مرضيون محبوبن حوالي ڪيو، ان تي عمل ڪندؤ ته ڪاميابي حاصل ٿي ويندي.

تاريخ :-10-07-2019



# ڪتابن پڙهڻ جو شوق پيدا ڪيو

دوستو! ڪنهن صاحبِ ڪتاب جو لکيل ڪتاب ان جو نائب ٿيندو آهي ۽ ان کي پڙهڻ واري تي ان صاحبِ ڪتاب جو تصرف قائم ٿيندو ۽ ان جي روحانيت ان تي غالب ٿيندي آهي، ڪوشش ڪئي وڃي ڪتابن پڙهڻ جو شوق پيدا ڪيو وڃي، هيءَ هڪ اڪيلائيءَ ۾ روح رهاڻ آهي، ان ڪتاب جي ذريعي، خيالن کان واقف ٿئي ٿو.

تاريخ :-21-10-2019

# سجاڳ ٿيو

دوستو! هيءَ محنت جاڳي ڪاهڻ وارن جي آهي، جيڪي هر حال ۾ ڪاهين زندگيءَ جي هر وهنوار ۾، گرمين سردين ۾، خوشين غمين ۾ ڪاهين، لاچار لاغر ۽ سست ڪاهل جو پانارو پوي ئي ڪو نه، جيڪي جاڳيا انهن جا دل به جاڳيا ۽ ضمير به جاڳيا، اهي جاڳائيندا ويا راڄن کي، ستيون سڪ واريون سيڪاريندا ويا، پنهنجي فن جا اهڙا ته ماهر هئا، جو اڄ انهن جون محنتون به جاڳن پيون، انهن جا فڪر ۽ فلسفا به جاڳن پيا، انهن جا آستانا به جاڳن پيا، دوستو ان جاڳڻ وارن جو پاسو وٺو يقينن هي عشق مصطفيٰ صل الله عليه وسلم ۽ درود پاڪ صلي الله عليه وسلم بس سنڀالي ڪڍو هي واپار ڪارائتو اٿئو.

تاريخ: 18-05-2019

# مايوس نہ ٿيو

دوستو! وقت تمام ٿورڙو آهي ۽ زندگي سخت کان سخت اٿئو بدڪاريون ۽ بد عادتون اسان جي نسلن کي اڏوهي جيئن ناس پيون ڪن، جنهن تي نہ ڪا دوا نہ ئي ڪو علم عمل ڪارآمد ٿئي پيو ان جون سزائون اسان سڀن کي ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ ملن پيون، پر اسان مايوس ناهيون، اسان پنهنجا وچن ۽ واعدا نڀائيندا سون، معاشري ۽ ماحول تي درود پاڪ صلي الله عليہ وسلم جي محنت سان نور جون بارشون وسائيندا سون، هر طرف رونقون ٿي ويندي يون، بس دوست همٿ ڪيو مايوس نہ ٿيو.

تاريخ :-11-07-2019



# سيد غلام حيدر شاهہ قلندري جا

| چيپيل ڪتاب | ايندڙ ڪتاب |
| --- | --- |
| منهنجا سهڻا سڄڻ (ڪافيون)<br>پلي چريو چون ماڻهو (غزل شاعري)<br>نرتؤن منجهان نينهن (فضائل دُرود پاڪ)<br>هو جي هليا هنگلور (نثر)<br>گونجيا گيت حيدر جا (شاعري)<br>آثار قيامت<br>آذانِ عشق (تقريرون)<br>چنڊ چهرو محبوب جو (شاعري)<br>پرينءَ جي پار جون ڳالهيون.<br>. سڄڻ جن کي سڏيو<br>. اعلانِ عشق (تقريرون).<br>. انتقالِ عشق وصالِ يار (شاعري).<br>. نچوڙيو نينهن جن کي (روحاني ڪچهريون) | ميدانِ عشق (تقريرون)<br>وارداتِ عشق (تقريرون)<br>مُنيون پيڙي پچ<br>باغِ وفا جون رمزون (روحاني ڪچهريون)<br>لفظن جي چار (شاعري)<br>سب کچھ چلتا ہے<br>وفاءِ محمد ﷺ<br>Salient Message of Sufism<br>هدايت سلوڪِ قلندريت<br>. انعامِ عشق (سوالن جا جواب)<br>. بے سمجھی کی باتیں (اردو شاعری)<br>. سفرِ عشق (عراق جون مقدس زيارتون)<br>. چوڏهينءَ وارو چنڊ (ڏاڏا سائين يوسف شاهہ رح جي سوانح حيات) |